
مُنهن موڙي چڙيئي
(شاعري)
شاعر
گوهر گل ڳورڙ
ضلع دادو، سنڌ.

# مُنهن موڙي ڇڏيئي

(شاعري)

گوهر گل ڳورڙ

جنسار پبليڪيشن - ميهڙ
2018ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

## جنسار پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر 04

سمورا حق ۽ واسطا گوهر جي پاءُ ڊاڪٽر ذوالفقار ۽
ان جي فرزند محمد بخش ڳورڙ وٽ آهن

ڪتاب جو نالو : **مُنهن موڙي ڇڏيئي**
موضوع : شاعري
شاعر : گوهر گل ڳورڙ
ڇاپو پهريون ؛ اپريل 2018ع
لي آئوٽ : شمس الدين جوڻيجو
ڪمپوزنگ : نماڻو صديق مهيسر
ڇپائيندڙ : جنسار پبليڪيشن – ميهڙ
ڇپيندڙ : جنسار پبليڪيشڻ ___ ميهڙ
تعداد : 500

---

**قيمت : =/250**

---

**MOONH MORE CHADAI** (Poetry) – By: Gohar Gul Gorar
Published by: Jinsar Publication - Mehar Sindh
Edition, Frist March-2018.
Composed By: Nimano Siddique Mahesar
Jinsar publication
Email,nimanosiddiquemahesar@gmail.com

# ارپنا

سائين جي ايم سيد
جي نالي
محترم
بشير خان
قريشي
جي نالي
ھن ڌرتي جي
سمورن
شهيدن
جي نالي

**(گوهر گل ڳورڙ)**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”مُنهن موڙي ڇڏيئي“** اهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب مرحوم **گوهر گل گورڙ** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

گوهر گل جي شاعريءَ ۾ محبوبہ جو ۽ ڌرتيءَ جو ڇٽيل عڪس ان ڳالھ کي ثابت ٿو ڪري تہ گوهر ڌرتيءَ ۽ سرتيءَ جو شاعر هو. هن جي من ۾ نفرت جو ٻج ئي نہ هو. هن سدائين ماڻهپي ۽ پيار جو ٻج ڇٽيو، مرڪندي گذاريو. ايتري قدر جو تڪليف هوندي بہ ڪنهن کي بہ تڪليف محسوس نہ ڪرائي سگھيو.

هي ڪتاب جنسار پبليڪيشن، ميهڙ پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون نماڻي صديق مهيسر جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

مُنهن موڙِي ڇڏيئي جيئري، توکي سمجھ نہ ڪا آئي.
ڏکيو وقت پيو گذري، توکي سمجھ نہ ڪا آئي.

هِتي هيڪل ڇڏي مون کي وڃي الڳ دنيا جوڙيئي،
رَهين مون کان سدائين پري، توکي سمجھ نہ ڪا آئي.

تنهنجي "گوهر" کي ڳڻتيون، لهہ سار اچي تنهن جي،
نہ ٿو ٿهڪ تنهن کان نڪري، توکي سمجھ نہ ڪا آئي.

(گوهر گل ڳورڙ)

# اداري پاران

گوهر(گل) واقعي اهو گل هو جنهن جي خوشبو اسان جي رڳ رڳ ۾ سمائجي وئي آهي گوهر جون يادون اسان جي من ۾ اهڙي طرح ڄمي ويون آهن جن جو پگهرجڻ ناممڪن آهي گوهر گل جي شاعري ۾ محبوبہ جو ۽ ڌرتيءَ جو چٽيل عڪس ان ڳاله کي ثابت ٿو ڪري تہ گوهر ڌرتي ۽ سرتيءَ جو شاعر هو هن جي من ۾ نفرت جو ٻج ئي نہ هو هن سدائين ماڻهپي ۽ پيار جو ٻج ڇٽيو مرڪندي گذاريو ايتري قدر جو تڪليف هوندي بہ ڪنهن کي بہ تڪليف محسوس نہ ڪرائي سگهيو. گوهر گل جا مخالف گوهر گل جي وڇڙڻ وڃڻ کان پوءِ گوهر گل جا گيتا چوڻ لڳا، اها گوهر گل جي ڪاميابي آهي پر گوهر جي زنده هجڻ سان هنن کي پٽُو هو تہ ڪاٽي اسان گوهر گل کان پوئتي نہ رهجي وڃون پوءِ هُنَنِ يارن نئين ٿهيءَ جي شاعرن کي مختلف لقبن سان مخاطب ٿيندا رهيا پر پوءِ بہ گوهر گل کي ادبي ميدان کان الڳ نہ ڪري سگهيا، اڄ گوهر گل اسان جي درميان جسماني طور تي ناهي پر هو پنهنجي فڪري ۽ روحاني طور اسان سان گڏ آهي جيڪو اسان اڄ پيي وڇڙيو ناهي جنهن جو هي ڪتاب سندس جو نالو متخب ٿيل آٽيندي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي ان کان اڳ ۾ جنسار پبليڪيشن_ ميهڙ جا ٽي ڪتاب، منظرِ عام تي اچي ويا آهن جنهن ۾ (سونهن جي بارگاهہ) شاعري، نماڻو صديق مهيسر ۽ (استاد بخاريءَ جي چونڊ شاعري) مرتب فاروق سومرو ۽ (بي رخي ٽاندا ڏنا) شاعري، مانجهي زرداري ۽ هاڻي جنسار پبليڪيشن جو چوٿون ڪتاب آهي

جيڪو اسان پنهنجو استاد گوهر گل ڳورڙ جو مُنهن موڙي ڇڏيئي شاعري جو اوهان جي هٿن ۾ آهي جنهن جو مهاڳ نالواري سُهڻي

شاعر علي دوست عاجز لکيو آهي ۽ ٻيو مضمون ذوالفقار گاڏهي ۽ بيئڪ ٽائيٽل انتهائي سهڻي شاعر استاد گوهر گل جي شاگرد احسان زنگيجي لکيو آهي جن جو مان پنهنجي استاد گوهر گل جي پاران ۽ پنهنجي پاران شڪر گذار آهيان.

شال الله سائين هن ڪتاب کي بہ ڪاميابي نصيب ڪندو آمين.

سنڌ سلامت________ساٿ سلامت.

جنسار پبليڪيشن
ميهڙ
jinsarpublication786@gmail.com

## مُهاڳ

## گوهر گُل ۽ خوشبو شعر!

گوهر گُل جو جنم ميهڙ ويجهو هڪ ڳوٺ، اچان به ايئن چوان ته، هڪ کيت ۾ ٿيو جيئن کيتن ۾ گُلَ ٿيندا آهن. سرنهن جا پِيلا پِيلا، مَٽرن جا، بَرسِيم جا نِيلا نِيلا گُلَ!

گُلن جِي عُمر، مُندَ جو هڪ چُٽڪو ٿيندي آهي- ۽ هو پنهنجي مخصوص رنگن ۽ واسَن سان، اکين کي تراوت بخشيندا، ساهَن کي سُرهاٽيون ڏيندا، واءَ ۾ وکرِي ويندا آهن!

گوهر، سُهٽي ڇهري ۽ سُهٽي سَياءَ وارو سُلڇڻو سپوت هو. گُلن جي عُمر، ٿوري ته ٿيندي آهي ئي، پر هي ته، اهڙو گُل هو جنهن کي ڇڻ کنهن، ٽاريءَ تان پٽي، گُلدانَ ۾ رکِي ڇڏيو هُجي، جنهن پنهنجِي مُندَ جو چُٽڪو به پُورو ڪونه ماڻيو! هن جي ننڊاکين اکين مان لڳندو هو ته ڇڻ اهي ڪچڙِي ننڊ مان جاڳي پيون هِن، انهن خواب به اڃان پُورا ناهن ڏِٺا!

هن جي اکين جا اوجاڳا، عشق جا نه هئا، هي گُل، عشق جو نه، پاري جو ساڙيل هو- ارمان آ ته، هي پنهنجِي بيڙِي ڪُنَ مان ڪڍي نه سگهيو، جو هن کي ڪو مانجِهي نه ملي سگهيو. هي پُورن کي پاڏي جِي پُنيءَ لائي نه سگهيو- ڪيس، ڏُکَ کي پنهنجي مُنهن وِٽِي ويڄ نه گُهربو هو. ڏُکَ کي ايڏي ڍَرَ نه ڏيڻ کپندي هئي ڪيس. ڏُکَ کي هوا ملندي ته، اَنَ جي ٿُهن وانگر اُڏائي ڪٽي ويندو- پر اهو سمجهڻ کان اڳ ئي ماٿهو وهڪري ۾ وَهيو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن ته سڀ ڪجهه سمجهڻ جي باوجود به ماڻهو لُڙهي ويندو آهي. چو ته ڳالهه وَسَ کان ٻاهِر چڙهِي ويندي آهي.

پرين! جي پيار جا درياهہ تو ڪٽي پلِٽين،
جئين نہ ڪانهنَ جِي تِيلي لُڙهي، لڙهي تو وجان!
(استاد بخاري)

سُنا ماڻهو، پلا ماڻهو پنهنجي سُنائي، پنهنجي وضعداريءَ جي ڪري مارَ ڪائي ويندا هِن. پَڇي، پَڄري ويندا هِن. ڪُڇندا ناهن۔ ڪاشَ اهڙي طبيعت جو ڳنڍُ پڄي ها!

ڇا توسان پيار جو اظهار ڪريان!؟
بنا اظهار جي سمجهين نہ ٿِي تون!؟

ڏسونہ هي ڪا ڳالهہ آ!؟ اظهار نہ ڪجي!؟ يا اڄ نہ ڪجي!؟ اڄ نہ ڪجي، تہ پو ڪڏهن ڪجي!؟ رڳو پيار جي اظهار لاءِ بہ نيٺ ڪيترا جنم گُهرجن!؟
هن جا لکيل پنج سِٽا، نہ ٿو لڳي تہ ڪو گهڻو اڳي جا لکيل آهن. جن ۾ هن کوڙ سارين ڳالهين جو اظهار، بلڪل ڇِٽي ءِ اثرائتي انداز ۾ ڪيو آهي. ائين ناهي، تہ هن ۾ ڇَوڻ جِي جُرات نہ هئي. هي پنهنجي طبيعت ۾ مَست اَلست هو۔ آرتست تہ، بنا ڇوڻ جي بہ ڇئِي ويندو آهي۔ شاعر ڪي ساڳي ڳالهہ ڇوڻ جا کوڙ سارا طريقا آهن۔ اهائي تہ ڪيس ذات هوندِي آهي۔ ڇا هُو اها ڳالهہ نہ چوندي بہ، ڇئي ناهي ويو؟

ڇا توسان پيار جو اظهار ڪريان!؟
بنا اظهار جي سمجهين نہ ٿي تون!؟
منهنجِي اکين ڪي ڇو پرکين نہ ٿِي تون!؟

فقط تو لاءِ پيو سينگار ڪريان...!

هن جي پنج سِٽن جِي، ويجهڙائيءَ ۾ لکڻ جي ڳالهه، ان ڪري ٿو ڪريان، جو انهن ڪي ترتيب ڏيڻ وقت، هن جيڪو پهريون پنج سِٽو ڏنو آهي، اهو ڪنهن وصيت جو نمونو آهي. ۽ وصيت لکڻ جي ضرورت ڪهڙي ٽائيم تي پوندي آهي، اهو پڙهندڙ ضرور ڄاڻندا هوندا!

عزيزو! منهنجا چاڪَ چوليو متان!
ڏِنوَ ڪين پُلجِي ڪڏهن چاهتون!
ٻَچن جون اوهان ڪي هُجن پارتون!
وچڻ بعد پو تن ڪي روليو متان!
عزيزو! منهنجا چاڪَ چوليو متان!

چوليو. چولڻ. سِرائڪي. مقصد چورڻ. ڇيڙڻ. ڇو تہ سندن گهر ۾ سِرائڪي ڳالهائي ويندي آهي.

هُونءَ بہ هن جي شاعريءَ ۾، مونکي تہ ڪا مامَ نظر ڪانہ ٿِي اچِي. نہ ڪِي ڳوڙهيون ڳالهيون هن، نہ ئي ڪا مصنوعي ناهہ نُوهہ آهي. خوشي توڙي ڏُک هٽرادو ناهن. خيال جو اظهار سادو، سهڻو، سِڌو ۽ وڻندڙ آهي، اهڙو جهڙو ڪڻڪ جو فصل هوندو آهي، سرنهن جو کيت هوندو آهي. ۽ انهن مان وَهندڙ موڪَ هوندي آهي. هن جون سِٽُون گهڻيون ٽٽيون اهڙيون آهن، جن ۾ وهڪرو آهي، جوت آهي، سُرت آهي. سُرت ڪهڙي تہ!؟

ويو جو وقت گُذري، ڇڏ انهيءَ کي،

شروع نئين پيار جي تحريڪ ڪرتون!

--

ادبي داداگيرن، پنهنجا دنگ ڪڍيا،
مَيتا ڏيٺي آ، مخصوص اديبن ڪي!

دنگ، مقصد سَنڌا، حدون، هتي ٽولا، گرُوپس. يعني ميتا، جنهن جنهن انهن کي ڪِبي جيڪي انهن جي ٽولي جا هوندا!

ساوَن ڪيتن، جيئن سونهري ويس ڍڪيو،
هِيرَ هِنيي لئه، سُرها واسَ ڪٺي آئي!
ماضيءَ جو حُسناڪ تصور، تنهائي،
اوسيئڙي ۾ لُڇندي، دردُ رنگين ڇڪيو!
ساوَن ڪيتن، جيئن سونهري ويس ڍڪيو!

گُل جو هي پنج سِٽو، هن جي طبيعت ۾ شوق جي غمازي ٿو ڪري. ۽ ٻن متضاد ريتن، رويّن کي نهايت سهڻي انداز ۾ بيان ڪرڻ جِي صلاحيت کي ظاهر ڪري ٿو. پهرين سِٽَ جو وَرجاءُ، هن جي طنز کي هاءِ لائيٽ ٿو ڪري. ايئن جيئن پُوري ٻُت تي نيريُون نسُون چِٽيون نظر ايندِيون آهن!

تون ڇا ڄاڻين، باڪَ ڦُٽيءَ جي منظر کي!
تنهنجا نيڻ، اَسُر جي ويلي خواب ڏِسن!
ڪُوڪَ نہ ڪي ڪويل جِي، تنهنجا ڪَن سُٽن،
تو نہ ڏٺِي آ ماڪَ اَسُر جو آڳُرَ تي!
تون ڇا ڄاڻين، باڪَ ڦُٽيءَ جي منظر کي!

ڪيئن نہ هن تاثير، منظر، احساس، ۽ آواز جي مهل ۾ انهن ڏانهن رويّي کي چِٽيو آهي! ۽ پوءِ هُن کي هِن سندس ئي عمل ۽ رَويي سان ناڪ آئوٽ ڪري فطرت کان پري ڪري ڇڏيو آهي!

ايئن هن جا ڏيڍ سِٽا، بيت، گيت کوڙ سارَن موضوعن ۽ منظرن کي پنهنجن ٻانهُن ۾ پريو بِيٺا آهن۔ هر شعر جي ديوار تي، ڪا نہ ڪا تصوير۔ لڳي پئي آهي، جيڪا ڪنهن نہ ڪنهن احِساس، اَلميي يا ارمانَ ۽ معاشري جي مُنهن تي آيل ڪنهن داغ جي عَڪس کي اُڀاريو بيٺي آهي!

وَنواهَہ ۾ آ ويٺي،
ساپيا نہ ٿيس سپنا، جڻ باهہ ۾ آ ويٺي!

----

تون وڃين ٿو پيو، ڄامشوري پڙهڻ،
منهنجي دل ۾ سوين وِسوسا ٿا اُٿن!
گُم نہ ٿِي ڪِٿ وڃين، سُهڻي شامُن ۾ تون،
نيڻ تو کي ڏسڻ لئہ متان پو سِڪن!

اهي سِٽُون هن، پنهنجي پُٽَ سان مخاطب ٿِي لکيون آهن، جيڪو ناتجربيڪار آهي، نئون آهي۔ ان لاءِ هن جو اونو ۽ پيار، سِٽ سِٽ مان جهلڪِي رهيو آهي۔ ۽ هُو ڪيس جادُو نگر (ڄامشوري) جي جادُوئي اَثرن کان بچڻ لاءِ چِتائي بہ ٿو تہ، (پيار ۾) ڪجِهي وجڻ جي کُٽکي جو بہ اظهار ڪري ٿو۔ ۽ ان کي اِنجُواءِ بہ ڪري ٿو.

ڪو ڪو شعر، شاعر کان، ڪنهن تي ايف. آءِ. آر وانگر ڪَٽجِي ويندو آهي۔

نہ آهي درد منهنجي جِي ڪا سرحد،
گُذاريو تو نہ مون سان وقت پنهنجو!

اهڙو ئي نظم / سانيٽ آهي!

خوشين ۾ سيني وٽ گهٽي ياڳي هڪجهڙائي هوندِي آهي، پر ڏکَ سيني جا الڳ الڳ ۽ پنهنجا هوندا آهن، جن کي ماڻهو پنهنجي مُنهن پيو پوڳيندو آهي. گوهر بہ ان درد ۽ پِيڙا کي پُورو پُورو پوڳيو.

پَلِي جا بادشاهيءَ ۾ سدائين،
اکين، اُن جِي نہ هئي غربت سُجاتي!

اکين جون اِلتجائون، شالَ پر کين،
ڪٿي تو شوق جِي شدت سُجاتي!

---

ڇا تون جِي سگهندين؟
خوشبُو کي گِروِي رکِي!
چنبيليءَ وَلِ کي وڍِي،
واسَ وندِي سگهندين؟
خوشبُو کي گِروِي رکي!

ڪلام پاڪ ۾ آهي تہ، هر ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ ٻَڌل رکيل آهي! جڏهن چنبيليءَ وَلِ کي وڍِي ڦِٽو ڪبو، تہ پو خوشبُو ڪٿان ايندي! هن جي هِڪ ٻِي وائي.

ڪِڪيءَ ڪارِي، تماچِيءَ کي ڏسي مُرڪِي!

پنهنجي ڪلاسِڪس جو تسلسل آهي!

هن مجموعي ۾ گوهر جا سَت غزل شامل آهن- خبر ناهي، ته هن ايترا ئي غزل لکيا آهن، يا صرف اهي ئي شامل ڪيا ويا آهن! هُوندءَ به هن جو رُجحان نظم جي پاسي وڌيڪ ٿو نظر اچي، جن تي تصوف جو رنگ چڙهندو نظر اچي رهيو آهي.

گوهر، جيئن، پنهنجي طبيعت ۾ منفرد هو، تيئن هن شاعريءَ ۾ به پنهنجو پندڌ ۾ گس پئي جوڙيو- افسوس! هن ڏانهن ڪنهن جو پُورو توجهه نه ويو، ۽ هو بي حَسي ۾ رُڪائِي جي وَر چڙهي ويو.

هن جي نظمن مان ڪجهه سِٽون باڪس ڪجن ٿيون، ان لاءِ ته ٿوري دير لاءِ رڳو ايترو سوچي سگهجي ته، اسان پنهنجو ڪهڙو سنو نوجوان شاعر وِڃايو آهي!

پنهنجِي صوفي نگاهن جي وطن ۾،
اَجهو ڏئِي، ڪر ڪٽي آباد مونکي!

----

سڄِي دنيا جِي خوشبُو هڪ طرف تي،
نہ مٺُ تَنهن جو، اٿئي جيڪا چڳُن ۾!

----

پاڪ پَٽن جا هي گُنبذ،
ڪوٽ مِٺڻ جا مُنارا،
بانگ سان گڏ بانسري جو،
هيءُ جو آواز آهي،
ڪو ته ان ۾ راز آهي!

هن جو نظم، ”دوست آهيون، دوست ناهيون.“ هڪ لاجواب نظم آهي. جنهن ۾ هن جي فِڪري نظر ڪافي وسيع ٿي نظر اچي. ان نظم جي ڪٿَت ئي، هڪ ڪاريگر شاعر جهڙي آهي. اُن جي اُٺت ڏاڍي سنجيدگيءَ سان ڪئي وئي آهي. جنهن ۾هُو دوست يا ڪنهن جي ڏُر هُئڻ واري ڳالهه کي هڪ پاسي رکي، اِنسان هجڻ واري ناتي، ماڻهپي واري ڳالهه کي بحث جو موضوع بنائي، ان ڳالهه تي ڳالهائڻ جِي دعوت ڏئي ٿو. ۽ ڪيترائي سوال اُٿاري ٿو ڇڏي، جيڪي ڪنهن هڪ ڏُرِ آڏو نه، پر پُوري اِنسان ذات آڏو رکيا ويا آهن. جن ۾ آرٽ، فنونِ لطيفيات کي نظر انداز ڪري، شاهه لطيف جي تنبُور ۽ فِڪر کي ڦِٽو ڪرڻ تي تنقيد ڪئي وئي آهي. ۽ اهو به ته، اسان مان هر هڪَ ان ڪم کي وساري ڇڏيو آهي. جنهن کي ياد ڏيارڻ جِي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هُو بک کي قدرت طرفان نه، پر ان کي عالمي ۽ انسان دشمن طاقتن جو تحفو ٿو سمجهي، گڏيل بي حسي ٿو قرار ڏئي ۽ اهو احساس ٿو ڏياري ته، نيٺ به:

ڇو جِيون حيوان وانگي!؟
ڇا اسان اِنسان ناهيون!؟
ڇو اسان مظلوم جي ڪنهن.

درد جو درمان ناهيون!؟
آٿتن ۾،
محبتن ۾،
ڇو انهن سان گڏ نه آهيون!؟
ڇو انهن جو سَڏُ نه آهيون!؟
ويهه ڳالهايون انهيءَ تي!!

اڇو تہ. گوهر گل جي ڪتاب جِي دريءَ مان، سايُن ڪڪُن پِيلين سرنهُنِ ۽ نيري آسمان ڏانهن نهاريون ۽ چيٽ جي رُت جا سُرها واسَ وَٺون!!

**علي دوست عاجز**

12.02.2018

# ماٺپو قائم رهي

مون تي پنهنجي لکڻ جي هڪ دور ۾ اِهو جنون سوار ٿي ويو ته مون کي پنهنجي تر، جُوءِ جي شاعرن کي سهيڙڻو آهي ۽ مون ڪوشش ڪري اُهي شاعر، جيڪي ميڊيا جي دنيا کان پري هُيا انهن کي سهيڙڻ شروع ڪيو.

انهن جون لکڻيون ڪٺو ڪٺو ڪري ڳنڍي ڪيون، ظاهر آهي مون اُن ميڙا چونڊيءَ ۾ انهن کي مڪمل ته ڪو نه چونڊيو هوندو پر مون کان جيترو ٿي سگهيو مون انهن کي گڏ ڪيو ۽ پوءِ انهن جا تعارف ۽ اپياسي پيپر لکيا. منهنجي اُن شوق جي ڀي ڪڙي منهنجا يار، دوست ۽ هم عصر ساٿي رهيا آهن. منهنجي انهن يارن دوستن ۽ هم عصر ساٿين مان ميهڙ جا چار يار منهنجي ان ڪم جي اوليت ۾ شامل رهيا آهن. منهنجا اِهي چار يار آهن. احسان زنگيجو،گوهر گل ڀورڙ،صابر سيدپوري. نماڻوصديق مهيسر. صابر سيدپوريءَ ۽ نماڻي صديق مهيسر تي هن کان اڳ مان پنهنجو ڪم مڪمل ڪري چڪو آهيان. احسان زنگيجي کي به مون کي اوهان سان ملائڻو آهي پر اڄ گوهر گل ڀورڙ جي شاعري اوهان جي آڏو کڻي آيو آهيان.

گوهر گل ڀورڙ جنهن جي غزل کان وٺي نثري نظم تائين، هونئين پراڻي صنف کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي ڏسِڻو اِهو آهي ته هن جنهن به صنف کي پنهنجي اظهار لاءِ استعمال ڪيو آهي، هُوان ۾ پنهنجي ڳاله صحيح نموني سان چئي سگهيو آهي به يا نه سو پهريان گوهر جا غزل کڻون ٿا. جو غزل هر دور جي وڻندڙ صنف رهي آهي ۽ گوهر به هن صنف ۾ گوهرگل پنهنجي دل چيري رکي آهي

**ڏي پريت، نه ڪر دل تي نفرت جي تون بمباري،**

**برباد نہ ڪر مون کي؛ ڪابل جي گهٽين وانگر.**

هي اظهار جو نئون پيرائيو آهي،

چاهي جو هن غزل جي پهرين سٽ عام فهم ۽ سادي آهي پر هن غزل جي ٻي سٽ ۾ ان جيڪو حُسن پيدا ڪيو آهي اُن مٿين سٽ جي سادگيءَ کي لڪائي ڇڏيو آهي،

**”برباد نہ ڪر مون کي ڪابل جي گهٽين وانگر.“**

هتي ڪابل جون گهٽيون چئي درد جي هڪ نئين ڪيفيت سان ملايو ويو آهي ۽ اِهو اظهار جو نئون پيرائيو بہ آهي Newpaira ۽ ان ئي پيرائي جو هڪ ٻيو غزل،

**ڪڪر ڪير ٽر جي مٿان پيا نچن،**
**تڏهن ڪاڇي واسي پيا ٽا ٽرن**
**نئن گاج مستي منجهان پئي وهي،**
**منجهس،ٽُوٽيون؛ ڪانا پيا ٽا ترن.**
**اديون ختم ٿينديون/ منچر/ مٿان.**
**مهاڻا، بتيلا پيا تيار ڪن،**
**اجهو چاڙهه خوشحالي آئي هتي،**
**ڪنيون هر، پنجاريون ٽا هاري اچن.**

هڪ ئي غزل ۾ هيترا سارا سُهڻا شعر، شاعر جي ڪاميابي آهي جنهن ۾ ڪا نہ محا ڪا ڪات ڪٽي ان کي سهڻي نموني نڀايو ويو آهي جنهن ۾ ڪير ٽر، ڪاڇي، نئن گاج، منچر، اهي سڀ محاڪاتون آهن. ايئن پنهنجي شين کي، پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻڻ سان انهن سان جذباتي لڳاءُ ۽ محبت جو عنصر بہ ظاهر ٿئي ٿو ۽ پنهنجي ماڻهن ۽ پنهنجي شين سان محبت، هڪ فطري گهُرڄ آهي

**سنڌ وانگي سڙي رهيو آهيان،**
**وقت سان گڏ هلي رهيو آهيان.**

مٿي بہ هڪ محاڪات ئي آهي، جنهن ۾ شاعر پنهنجي درد کي،

سنڌ جي درد سان گڏائي ظاهر ڪيو آهي، جنهن ۾ اسان سنڌ ڪي سڙندو بہ ڏسي رهيا آهيون ۽ شاعر جي ذاتي پيڙاءُ کي بہ محسوس ڪري رهيا آهيون. ايئن هن نہ رڳو پنهنجي ذاتي ڪرب جي ڳاله ڪئي آهي، پر پنهنجي سنڌ جي بہ ڳاله ڪئي آهي اها بہ سڙي رهي آهي اها جڏهن سڙي رهي آهي تہ هاڻ ان کي ڪو وسائڻ وارو بہ آهي! ڳاله جو توڙ اُتي آهي! جيڪڏهن ڪو وسائڻ وارو ڪونهي تہ پوءِ اسان سڀ ان جو ٻارڻ بڻجڻا آهيو! سُئيءَ جا ڪانتا ! اُتي اچي بيهي رهيا آهن، پر تڏهن بہ اسان جي شاعر وٽ جيڪو پيغام آهي اُهو هي آهي.

**امن، سک، پيار جو پيغام ڏيون ٿا،**
**اسان کي تون ٽڪائي ڪو نہ سگهندين.**

اتي هڪ سوال منهنجي ذهنَ ۾ ڪروٽ ڪائي ٿو جيڪڏهن شاعر پيدا ڪو نہ ٿين ها تہ هي دنيا رهڻ جي قابل هجي ها؟ ـ ۽ منهنجو جواب آهي نہ.

جيڪڏهن شاعر پيدا نہ ٿين ها تہ هي دنيا رهڻ جي قابل ئي نہ هجي هان اِهو شاعرن جو ئي ڪمال آهي جن هن ڪاري ڪوجهي ڪنور دنيا کي رهڻ جي قابل بڻايو آهي

**وهہ جهڙي هي ڪوڙي دنيا،**
**تنهنجي دم سان امرت آهي،**

هي آهي انهن شاعرن جو ڪمال جن وِهہ جهڙي ڪوڙي دنيا کي امرت جيان پيتو آهي ۽ هي؛ جنهن جي دم سان هي دنيا امرت آهي، ان سان گوهر گل، پنهنجي گيت ۾ ڪيئن مخاطب آهي،

**هئہ هئہ تنهنجي مرڪ پياري،**
**هئہ هئہ تنهنجا ٺهڪ رسيلا.**
**ڇير وڄي ٿي ڇم ڇم ڇم.**

سڄو گيت سهڻو آهي،ـ ان جي هر بند ۾ ”هئہ هئہ“ جو ورجاءُ

موسيقيءَ کي شه ڏئي ٿو! جيڪو گيت لاءِ انتهائي ضروري آهي، ۽ هي گل جي وائي آهي

هير گهلي پئي،
ڳوڙهن وٽن مان،
موسيقي ٻڌجي پئي.
ڏاند جتيل هر ۾،
جن جي ٽلين مان،
موسيقي ٻڌجي پئي.
وينگس ٻڪري ٿي ڏُهي،
انُ جي ٿڻن مان،
موسيقي ٻڌجي پئي.
امڙ جنڊ تي اسر جو،
اَن جي داڻن مان،
موسيقي ٻڌجي پئي.
پيرٿ پيري پئي
ڇوڪري،
ڳاڙهن ڇيڙن مان،
موسيقي ٻڌجي پئي.

گوهر گل ڳورڙ جي هي وائي تمام وٽندڙ ٿڃ رکي ٿي پاڻ ۾ ۽ اهڙيون وايون گهٽ لکيون ويون آهن،_ ايئن هن جا بيت، ٽيڙو ۽ پنج ڪڙا به ڪوٺ ڪرڻ جهڙا آهن جن مان هن جا اُهي به بيت ته بلڪل نوان آهن، ۽ بيتن ۾ اِها نواڻ، مون کي مارو جماليءَ کان پوءِ گوهر گل وٽ ڏسڻ ۾ آئي آهي،

**ڪيفي انٽرنيٽ ۾، ايڏو وقت نہ گهار،**
**مون لئہ بہ ڪجهہ وقت ڪڍ پيار منجهان ويچار،**
**اوسيئڙو آزار، روزانو پوڳيان پيو.**

ٻيو بيت

**ڪمپيوٽر جي دور ۾ انڊن مثل آنءُ،**
**مون کي ناهي ڏانءُ، منهنجي انگريزي ڪچي.**

هن بيت جو بلڪل نئون لهجو آهي، نہ تہ هن کان اڳ جن بہ بيت لکيا آهن، انهن سڀن پنهنجي بزرگن کي ئي سونهون بڻايو آهي،جنهن ڪري اسان وٽ هڪ ئي زمين تي، هڪ ئي موضوع وارن بيتن جا ڍڳ لڳي ويا آهن جن مان اسان کي اها سڌ نہ ٿي پوي تہ ڪهڙو بيت ڪنهن جو آهي،

هي ٽيڙو آهي،

**واهہ نہ آهي ڪا،**
**قرض پنڻ لئہ هلجي،**
**ڇو نہ پو امريڪا؟**

ٿوري ترشيءَ جي ڪري ٽيڙو مان شعريت نڪري وئي آهي، پر تڏهن بہ پنهنجي سياست ۽ پنهنجي سياستدان تي سُٺي چوٽ ٽيل آهي، جن آمريڪا ۽ آءِ ايم ايف وٽ اسان کي گروي رکي ڇڏيو آهي ۽ هاڻ اهي ئي اسان کي پنهنجي پڇ تي کيڏائي رهيا آهن. جنهن ڪري اسان جو ملڪ ٻرندڙ بنيءَ ۾ تبديل ٿي ويو آهي، ۽ هاڻ پنج ڪڙو،

**منهنجي دل پنجاب جيان خوشحال نہ آ،**
**پيار جي اڻ کٽ پيڙا، بک بدحالي آ،**
**پل بہ نہ هڪڙو ڳوڙهن کان اک خالي آ،**
**خوشيون اڻ لڀ، دردن جو هت ڪال نہ آ،**
**منهنجي دل پنجاب جيان خوشحال نہ آ.**

هن پنج ڪڙي ۾ جيڪو پيغام آهي ۽ اهو اسان جو وڏو پاءُ جيڪڏهن ڪنائي ٿو ۽ اسان جي ڏکن جو جيڪڏهن تدارڪ ٿئي ٿو تہ پوءِ اسان کي ڇا گهُرجي ۽ هي اها ئي ساڃي ڳالهہ آهي،

**سنڌ وانگي سڙي رهيو آهيان،**

*

## منهنجي دل پنجاب جيان خوشحال نہ آ.

پنهنجي ذاتي ۽ شخصي درد کي، پنهنجي قومي ۽ طبقاتي درد سان گڏائي پيش ڪرڻ جو ڏانءُ تمام گهڻ شاعرن جي حصي ۾ آيو آهي،

۽ هاڻ نظم ___نظمن مان جو مون نظم چونڊيو آهي اهو نثري نظم جي ذمري ۾ اچي ٿو ڏاڍو سهڻو نثري نظم آهي ۽ اهو پڙهو ۽ مون کي موڪل ڏيو.

**اجتماعي بي حسيون وڌنديون وڃن ٿيون،**
**ماڻهپي جي کوٽ ڏاڍي ٿي وئي آ.**
**عالمي منڊين ۾ هاڻي، ماڻهپو**
**پڳڙن جي مٽ ۾ پيو وڪامي،**
**اجتماعي بي رخين ڪارڻ**
**سڄي دنيا جا ماڻهو**
**هاڻي ڊپريشن جي گهيري ۾،**
**وڃن پيا قيد ٿيندا.**
**ماڻهو**
**ايڪويهين صديءَ جا.**
**هاڻي، انٽرنيٽ،**
**ڪمپيوٽر جي سامهون،**
**ٿا رهن مصروف ڏاڍو،**
**پنهنجي رشتن کان،**
**هي ڏينهون ڏينهن هاڻي،**
**ڏور ٿيندا ٿا وڃن،**

**تيزيءَ سان ڏاڍو**
**بي رخين ۽ بي حسين جا وائرس،**
**ويا آهن پکڙجي**
**هن سڄي دنيا جي اندر،**
**پنهنجي موجوده**
**سماجي ڍانچي اندر،**
**ماڻهپي جو رت ٺهڻ گهٽجي ويو آ.**
**اجتمائي بي حَسِين جا هن دنيا ۾،**
**ماڻهپا، احساس ۽ هي پيار پنهنجا،**
**شل رهن قائم سدا.......................**

۽ پاڻ بہ اِن دعا سان _ ماڻهپا، احساس پنهنجا، شل رهن قائم سدائين موڪلايان ٿو.

ذوالفقار گاڏهي
03063250132

# مرحوم و مغفور مرحوم گوهر گل ٻورڙ کي منظوم پيٽا

**عاجز سرگاٽي**

هو تہ سگهارو ڏاهو ماڻهو گوهر گل ٻورڙ،
نالي وارو ڏاهو ماڻهو گوهر گل ٻورڙ.

ميهڙ جي تاريخ ۾ پنهنجو نانءُ لکائي ويو،
هيڏو سارو ڏاهو ماڻهو گوهر گل ٻورڙ.

بزم شعراءَ منجهه هميشہ رهندو پئي آيو،
سو سوڀارو ڏاهو ماڻهو گوهر گل ٻورڙ.

رهندي ياد هميشہ هِن جي ادبي حلقن ۾،
هو هاڪارو ڏاهو ماڻهو گوهر گل ٻورڙ.

نَوَنِ پُراڻن نالي وارن شعراءَ ۾ شامل،
پيارو پيارو ڏاهو ماڻهو گوهر گل ٻورڙ.

ڌرتي، سرتي پنج ڪڙن ۾ پوڄون ويو پوئي،
سو سونارو ڏاهو ماڻهو گوهر گل ٻورڙ.

سور سهيڙي مُٺ مُٺ ميڙي ڪيتر ويو ڪيڙي،
هو ويچارو ڏاهو ماڻهو گوهر گل ٻورڙ.

”عاجز“ سر گاٽي چا پيتي ڏاهپ ڏات سندس،
سون هو سارو ڏاهو ماڻهو گوهر گل ٻورڙ.

❊

# غزل

زبان شرين سُخن شرين نرالو دلنشين آهي.
دين اسلام جو راکو نبيؐ جو همنشين آهي.

پنهنجو سڀ ڪجھ ڪري قربان اتل بيٺا رهيا حق تي،
سُچاتو جن خدا پنهنجو اُنهن کي آفرين آهي.

نفس ماري جنهين ماڻي حقيقي معرفت آهي،
عطا مالڪ ڪئي تِن کي سڄي روءِ زمين آهي.

جهانن ۾ ڪفر جي گگھ اوندھ تي فنا وئي آ،
پڪيڙي پنهنجي کي ڪئي جن روشني آهي.

شرم ڪريو پٽر اُچليو صدائون مان آيون،
اِها ؟؟؟؟ جي ملڪ وڏي پرده نشين آهي.

اسان جي آل ۾ تون آن نبيؐ جنهن لاءِ فرمايو
عقيدي ۽ سچائي ۾ سڀن کان بهترين آهي.

اُمِ ليليٰ سِڪي آهي ڪيڏو اڪبرؑ جي ياڪُر لئہ
نبيؐ جو همشڪل ڀِيرو ڪِريو پَٽ تي حَسين آهي.

وڪي بهلول پئي سَستي، جنت هوڪا ڏئي هَرهَر،
خدا جي نيڪ آ بڻي جنت مڪين آهي.

اچي ڏاڙهي ۾ جنهن ڪلمو پڙهيو اسلام جو ڪئين سو،
نبي ڪان بعد ڪئين بڻيو نبيؐ جو جانشين آهي.

”گوهر“ ڪي پي ملي ويندي محمّد آل جي در تان،
سَخا ٿيندي، شفا ملندي، مونکي پورو يقين آهي.

⁂

تون مون کي مٺي آهين، هن سنڌ وطن وانگي
تون ڇڏ نہ ڇڄين مون کان،ايشا جي امن وانگي

تنهنجي سونهن اڳيان ڪُل هي تشبيهون بي معني
سينگار تنهنجو سُهڻو فطرت جي رنگن وانگي

ميلاپ کان روڪين ٿا هي ويڇا طبقاتي
خوشين کي کٽي ڳوليان قسمت جي ڪُٽن وانگي

هي روح تتل پياسو ڪر پيار جو وسڪارو
اوسيئڙو پيو پوڳيان هِت ٿر جي پٽن وانگي

اُتساھ ڏنئي تڏهين رسمن کي لتاڙيون مون
تو ساڻ نڀائيندس سُئي جي وچن وانگي

فطرت کي کيان ڪاڏي فطرت ۾ وفا ڳوهيل
پل لوڪ کٽي ڪرُ پيو نانگن جي ڦٽن وانگي

”گوهر“ بہ جيئي ٿو پيو ويساھ پُريو ناهي
ڇل ساٿ رهين هرپل خوشبو ٿي گلن وانگي

⁂

سهي نہ جيڪي سگهان مان اهڙا نہ درد ڏي تون
غلام قومن جي درد جهڙا ، نہ درد ڏي تون

حَسين سپنا ڏسڻ پيلا ڇا گناهہ آهي
اِهو نہ کس حق چڪور جهڙا، نہ درد ڏي تون

اجان بہ بغداد جي گهِٽين مان اچي پئي ڏَپّ
جيئن سگهي پئي سُڳند اهڙا، نہ درد ڏي تون

آ منهنجي دلڙي حَساس بيحد ۽ سوچجانءِ تون
هي سنڌي مائن جي درد جهڙا، نہ درد ڏي تون

نہ ٻڌج ظالم سماج جهڙي ، ڏي پيار جو حق
جيئن چڪي پئي ٿي سنڌ اهڙا، نہ درد ڏي تون

حُسين جهڙو صبر ڪٽي ٿي سگهي ٿو مون کان
”گوهر“ بشر آ يزيد جهڙا، نہ درد ڏي تون

⁂

منهنجي نيڻن ۾ ڄامشورو آ
دل جي ڌڙڪن ۾ڄامشورو آ

ياد هن جي نٿي ڇڏي پيڇو
منهنجي سوچن ۾ڄامشورو آ

درد ڀاڪر وڌو ڇڳي جڏهين
منهنجي لڙڪن ۾ ڄامشورو آ

ڊيلٽا جيئن اُجاڙ ٿيئي سنڌو
تنهنجي صدمن۾ ڄامشورو آ

سُهڻيون شامون حَسين ماضيءَجون
منهنجي خوابن ۾ ڄامشورو آ

علم ساڃاهه جِت ملي ”گوهر“
منهنجي لکڻين ۾ ڄامشورو آ

⁂

اکين دوزخ اکين جنت، سجاتي
اکين معراج ۾ محبت، سجاتي

پلي جا بادشاهيءَ ۾ سدائين
اکين ان جي نہ هئي غربت ، سجاتي

وفا جي ماڪ سان وهنتل بدن تي
اکين آ روح جي راحت ، سجاتي

فنا ڪان اڳ چمي ڏي ٿيا امر هت
اکين فطري پنهنجي حسرت سجاتي

اکين جون التجائون شال پرڪين
اکين جي تو نڪي شِدت ، سجاتي

خطائون اڻ ڳڻيون،"گوهر" جون آهن
اکين بخشش عطا رحمت سُجاتي

⁂

تِترَ جون ٻوليون وٽندڙ پرن جا،رنگ موهين ٿا
نچي پيومور مستيءَ مان ڪنين جا،رنگ موهين ٿا

وسيو ڀرپور ٿر آهي ترايون ۽ تلاءُ پُر هن
ٿرياٽين کي ڪورا ڪچ تي ،دلن جا رنگ موهين ٿا

ڦُٽا هن گاهہ گولاڙا ڪڍيو پنهنجو حسن فطرت
جوانين ڦوهہ تي اجرڪ ڇُرن جا،رنگ موهين ٿا

ڦُٽيون ڪُنڀيون اُٿي خوشبو ڏنو پيغام خوشحالي
ٻنيون ڪُڙمي پيا ڪيڙين وٽڻ ،جا رنگ موهين ٿا

ڦِٽل آباد ٿيا چنئورا وريا هن ماڳ تي مارو
ٻُهارين پيا اَجها پنهنجا،گهرن جا رنگ موهين پيا

همرچي ۽ ڪجليئي جا گيت گونجن سدا ”گوهر“
حجابي ڇانوَ ۾ رهندڙ ،ڳٽن جا رنگ موهين ٿا

⁂

فڪر ۽ فلسفي ۾تون سمايل
منهنجي هن حوصلي ۾ ،تون سمايل

منهنجا جذبا رليءَ جي ٽُڪ جهڙا
جوش ۽ ولولي ۾ ،تون سمايل

ابتدا تون، انتها تون ئي آهين
منهنجي ڪُل سلسلي ۾، تون سمايل

خواب ڇا ساپيا تنهنجو تصّور
سدا هر مرحلي ۾،تون سمايل

تنهنجي “گوهر“ کي تنهنجي عشق رڱيو
شوخ رنگ چلولي ۾،تون سمايل

⁂

تو کي پاتل ڦولاريل سرنهن جيان وڳو
ناز تنهنجو پرهہ جي رنگن جيان پڳو

پُرڪشش تنهنجي صورت جو آهي قسم
پيار منهجو اچي انتها تي پڳو

او مٺي مون ڪان تون ايئن نہ ڇڄجانءِ ڪڏهن
جيئن دادوءَ ڪان آ ڄامشورو ڇڳو

پنهنجي طبقي جا ويڇا ٽُڏي ٿو سگهان
ٻي نہ پرواهہ ڪا ساڻ تون هُج رڳو

سنڌ ڌرتيءَ جي مٽيءَ جو آهي اثر
تنهنجو”گوهر “ ڏِنگن ڪان نہ آهي ڊِڳو
⁂

# نظم

پنهنجي صوفي نگاهن جي وطن ۾
اَجهو ڏئي ڪر ڪٺي آباد مون کي
آهي دردن جو گهيرو چئوطرف ڪان
سگهو له سار ٽڪرا ٿي ويندوسانءِ
سنڌ وانگي سڙان پيو جان منهنجي
لوڪ وچونءَ جيان پل پل ڏنگي ٿو
جهڙو پيي آهيان تنهنجو تنهنجو آهيان
منهنجو خانہ بدوشي روح منڙي
تو لئہ آتو ازل ڪان ڪاش ! ڄاڻين
مون تنهنجي پيار جي پرچار ڪئي آ
سدا ڪئي آ سچائيءَ سان ڪئي آ
شال پيغام چاهت جو سڃاڻين
عشق جي وات ڪاوا هن دڳن ۾
اجان رت آ رهيل منهنجي رڳن ۾
سڄي دنيا جي خوشبو هڪ طرف تي
نہ مٺ آهي! جيڪا تنهنجي چڳن ۾!
هي جيڪو عشق توسان ڪيو آ
پَتو ناهي تہ ڇا انجام ٿيندو
توجہ ڏي توڪان ٿيون ڏيان طلبين
منهنجي سِڪڻين اکين جو سوال آهي
پيار سڪ سان ڏئي ڪر شاد مون کي
نہ ڪر ڪابل جيان برباد مون کي

امن جي ديس جي او سونهن راڻي
پنهنجي صوفي نگاهن جي وطن جون
ڪول تون سرحدون مون لاءِ هاڻي...........

⁂

دل پٽائي جو دمبورو
ٻانهون يڪتارو سچل جو
ذهن تي رومي آ ڇانيل
ڳاڙهي ڪُهنيي ۾ قلندر
وجد ۾ ڏم ڏم ڏمالون
عشق بلي شاهه وانگر
پيو نچائي ٿو گهٽين ۾
جنهن تڪبر کي مِٽايو
عشق نفرت کي ڏُڪايو
عشق ئي ماڻهو بڻايو
عشق قرباني سيکاري
صوفيت جا مڏ پيالا
خيال تي سرمست پهتا
جن چين مان ڪجه چوايو
نيت نُڪتو سمجه ۾ آيو
حق ان پاسي تي آهي

حق جاق راڪا جتي هن
حق اُتي موجود بيشڪ
ڳاله ان جا ساکي آهي
شاھ سچل جا رسالا
راڳ راڻي ۾ هي ريهون
جنهن ڪيو بيچين تن من
هير وارث شاھ جو سُر
درد جا آلاپ جنهن ۾
پاڪ پتڻ جا هي گُنبذ
ڪوٽ مٺن جا منارا
بانگ سان گڏ بانسري جو
هي جيڪو راز آهي
ابتدا آدم ڪئي آ
انتها جو انت ڇاهي
دل جي دمبوري جون تارون
جنهن مان نڪتيون هي تنوارون
ماڻهپي جي واٽ تي شل
آدمي قائم رهن سڀ
عالم انسانيت ۾
صوفيت جون صدائون
نفرتن کي ڏوڙ پايو
محبتون سيني سمايو.....

⁂

ڪيرٿر جي چوٽيءَ ڪي
چانڊني چمي پئي ٿي
رقص ۾ سڄو ڪاڇو
گاج جو اڇو پاٽي
نور جي نديءَ وانگر
چار وڻ پيرون لامون
ڪنهن جي سجدي ۾ آهن
حسڻ شاهه ڪان منڇر
جي نظاري من موهيو
واءُ پئي گهُلي ٿڏڙي
ننڊ وئي اُڏامي آ
ڪنهن چڪور سان چنڊ تي
ياد هو اچي پئي ٿي
جيڪا روح تي ڇانيل
آ سدائين ڏک وانگي
جيڪا منهنجو سڀ ڪجهه آ
سونهن سوڀيا ۾ هو
سنڌ جي پريءَ جهڙي
جنهن سان پيار آ بيحد

روح جي هوراڻي آ
منهنجي ڪل جياپي جي
سا ئي مالڪياڻي آ
ڪهڪِشان ڪتيون تارا
هن جي سونهن جو صدقو
واهي پانڌي ڪان گورک
ور وڪڙ ڏنل رستو
مون کي پيو وٺي بيحد
رات جو پهر پويون
باک پئي پجي آرس
وهائو فجر تارو
منهنجا نيڻ اوجاڳيل
هن جي ئي تصّور ۾
مون سڄي گذاري آ
رات سُهڻي ڪاڇي جي
کير ٿر جي دامن ۾......
کير ٿر جي دامن ۾......

⁂

دوست آهيون دوست ناهيون
ڇڏ انهيءَ کي
ڇا سڀنا انسان آهيون
ويه ڳالهايون انهيءَ تي
چاندنيءَ جي نور کي ڇو
شاهه جي تمبور کي ڇو
اُڀ جي هن ڪهڪشان تي
جوڦٽل تنهن ٻور کي ڇو

من ۾
ناهي سمايو
ويه ڳالهايون انهيءَ تي
ڪم ڪرڻو ڇا هُيو ۽
ڇا ڪيو آهي اسان هِت
خدمتن ڪان اوپرا ٿي
بي پهچ
مسڪين ماڻهن
ڪي ڪهڙي دڳ تي رسايو
ويه ڳالهايون انهيءَ تي
بک قدرت ڪان وراثت
۾ مليل ماڻهن کي آهي
بک بيچڙائي تي لاهي
ماڻهپي کي پئي وِڃائي
هي ڏڪايل
۽ بکايل
ڪاڇي ۽ ٿر ۾ رَڙن پيا
ويه ڳالهايون انهيءَ تي
ڇو ڏڪڙ ايشا سمورو
باھ جي گهيري ۾ آهي
طالبان داعش وٽ
ڇو امن پهري ۾ آهي
شعور ۽
تعليم هوندي
فيس بڪ تي ڇا ڏيکاريون

ويه ڀڳالهايون انهيءَ تي
ڇو جيئون حيوان وانگي
ڇا اسان انسان ناهيون
ڇو اسان مظلوم جي ڪنهن
درد جو درمان ناهيون
آٿتن ۾
محبتن ۾
ڇو انهن سان گڏ ناهيون
ويه ڀڳالهايون انهيءَ تي
اجتمائي بي حَسِيَن جي
پيچرن تي پنڌ ۾ ڇو
ڪهڙي منزل ڏي وڌون پيا
ڇو حقيقت کان هٽون پيا
نفس خواهش
آزمائش
۾ رليا ڪِٿ ڪِٿ آهيون
ويه ڀڳالهايون انهيءَ تي
ويه ڀڳالهايون انهيءَ تي
ڇونہ ڀڳالهايون انهيءَ تي

⁂

# اجازت ڇا ملي سگهندي؟

وڄايان گهنڊ مسجد ۾
ڏيان آزان مندر ۾
مٽائي فرق مذهب جا
وريان پيار هڪجهڙو
سڄي دنيا جي ماڻهن ۾
اجازت ڇا ملي سگهندي؟
پڳي جا مورتي گوتم
طانبانن هٿي گڏجي
انهن کي آڻي ڪورٽ ۾
ڪيس داخل ڪري تن کي
سزا ڳئوري ڏجي تن کي
ڪجي انصاف کي قائم
اجازت ڇا ملي سگهندي؟

دين جي اوٽ ۾ ٿا ڪن
ڦهر جيڪي اُهي مفتي
ڏاڍ جي زور تي مذهب
مٽائين ٿا نياڻين جا
ڪڏا ڪرتوت هي تن جا
نندڻ گهرجن عمل تن جا
اجازت ڇا ملي سگهندي؟
اڇوتن ۽ برهمڻ جا
فرق سڀ ميٽجن ٻيهر
ڌرم جي اوٽ حق تلفيون
فرق سڀ پيٽجن ٻيهر
برهمڻ ،ڀيل،ڪولهيءَ جي
رت جو رنگ ساڳيو آ
ڌرم ڀڳوان ساڳيو آ
پوءِ هي فرق ڇا جو آ
بغاوت ڪَرَ ڪنيا آهن
ڇڙيان سماج ڪي لوڏي
برهمڻ ۽اڇوتن ڪي
ويهاريان هڪڙي صندل تي
سمهاريان هڪڙي فرش تي
اجازت ڇا ملي سگهندي
ڏين هوڪا ٿا جنت جا
پنهنجي خطبن ۽ جلسن ۾
هي ڪوڙا پير ۽ نوڳي
پنن جيڪي مريدن کان

بلٽ پروف گاڏين ۾
ڪٽن ٿا گاردن کي گڏ
ڪائين اڌ رات جو ڇيلا
بند ڪمرن ۾ بيو ڇاڇا
اهي ڪن ٿا پتو ناهي
انهن سادن مريدن کي
انهن جا هي اصل چهرا
ڏسيان دنيا جي ماڻهن کي
جنوني خلق هي ساري
انهن جي چرچ تي اُٿندي
حقيقت کي نڪي ڏسندي
نڪي ڪُڇندي نڪي پُڇندي
ڪٽي ڏندا پنيا ڊڪندي
ڇوڙ بيباڪ ٿو چاهيان
لکڻ آزاد ٿو چاهيان
جيئڻ آزاد ٿو چاهيان
اجازت ڇا ملي سگهندي؟
اجازت ڇا ملي سگهندي؟
⁂

ڏنڊ تي جيئن پڳا نيرڳ
ڏنڊ آهي پئي مرڪي
ڇٽن جي گرمين جو آ
پيا هن لاب سارين ۾
خوشيءَ مان هاري هارياڻيون
پيا ڪن پيٽ جو پورهيو
ڦٽا هن چيٽ ڌرتيءَ تي
پڪڙيو رنگ ساوڪ آ
وڏو پاڪر سياري آ
نديءَ تي شام سونهري
اُپ نيرو ولر اڏندڙ
اهي اجرا پکي لهندڙ
انهن جي سونهن نوراني
ڪروڙين جي دلين اندر
ڪڏهن پلجي نہ رهڻي آ
ڏنڊ تي چنڊ چيٽن جو

سهاني رات جو منظر
هي فطري سونهن جو ورثو
جيڪو مليل ازل کان آ
اسان جي سنڌ ڌرتيءَ تي
امن جي گيت جي بدران
بندوقون بم جا گولا
پيا برسن سدا اڻ ڪٿ
ڏنڊ جون رونقون اجڙيون
بتيلا هن ڪنڌيءَ بيٺل
نڪي آڙيون نڪي رتبا
نڪي ڪرڙا نڪي نير ڳ
ڏنڊ جو پاڻي زهريلو
ويو بڻجي آهي هاڻي
ڪٿا گدلاڻ آئي آ
اها ڪنهن ڏوڙ پائي آ
ڏنڊ ۾ پيا لڙهن ڪُرڙا
۽ موراڪا پيا ڦٿڪن
انهي انياءُ ايذي تي
فريادڻ ڏنڊ ٿي آهي
ڏنڊ جي آس مُئي ناهي
سڏي ٿي وارثن کي پئي
اسان کي چين ڪٿي آيو
اسان کي چين ڪٿي آيو
⁂

روشني ڇا لئہ ڳهو ٿا
ڇونہ اونداھ کي ڳهو ٿا
ڇو تپي تندور وانگي
پنهنجا ئي ماٺهو ڏنپيو ٿا
پيار ڏئي ويندڙ دڳن کي
ريشمي اڏندڙ ڇڳن کي
ڦري نظرن سان ڏسو ٿا
اوپرا ڇا لئہ ٿيا هو
ماٺهپي کان ۽ رحم کان
خوبصورت هن دنيا کي
ڇو اوهان بدذوق نظرن
سان نهاريو ساڙمان پيا
ديس جا فطري نظارا
شام سهڻي ويس گيڙو
جي مثل پئي ٿي لڳي ڪيئن
۽ سڄو آڪاش نيرو
۔صوفيت جي ڇانوري جيان
پيو ٿئي محسوس مون کي

ڇونہ ٿا سمجهو اوهان هي
ڳاله جيڪا سچ آهي
جنهن ۾ ڪوئي ڪچ ناهي
جيڪا خلقي آهي قدرت
هي سموري ان جي فطرت
ڇو اوهان ان سان ڪريو ٿا
هٿ ڇراندون سوچ ڪريو
روشني سان ساڙ ڇڏيو
زندگيءَ سان پيار ڪريو
ڇيٽ جي چانڊوڪي خوشبو
پد ميٽن سان پيار ڪريو
پيار جا پيغام ٻڌجي
*

# سانيٽ

منهنجو جيون گگھ اونده
روشنيءَ جهڙي ڇتي تون
سوجهرو ٻڄجي هلي آ
آءُ ويجهو او مٿي تون.

پريت مون تو سان لڳائي،
منهنجي آ پڌري سچائي،
وقت اهڙو نيٺ ايندو،
تو کي بي ويساهه ٿيندو.

زندگيءَ جو دڳ ڏسيندڙ
ڪاش! منهنجو ٿي سگھين تون،
او منهنجي سپنن ۾ رهندڙ
ساپيا شل ٿي سگھين تون.

تون فجر جي نور جهڙي،
سنڌ جي منشور جهڙي.

❇

اجان غلاميءَ جي گَپ چمبڙيل،
اسان نہ ڏوتا ضمير پنهنجا،
مُني صديءَ جا عذاب ساکي،
اسان نہ بدليا ضمير پنهنجا.

شهادتون، رت سوال بڻجي،
پيا ٽا گونجن ڇَپي ڇَپي تي،
اسان انائن جي دَلدَلن ۾،
اجان بہ قاتل آهيون ڏَٽي تي

سماج سارو سڙي رهيو آ،
امن کي اغوا ڪيو ويو آ،
سجاڳي ڏيندڙ خمار ننڊ ۾،
غريب هٿ سان ڇِٽيو ويو آ.

اجان نہ بدلي اسان جي قسمت،
سدا ملي آ ڌڪار نفرت......

❃

اي چنڊ بسنتي چيٽن جا،
تون منهنجي پيڙا ڄاڻين ٿو،
جذبا لڇن ٿا اندر ۾،
تون چانڊوڪيءَ کي اماڻين ٿو.

بي داغ هي تو ۾ چانڊوڪي،
جنهن وقت چمي ٿي ڌرتيءَ کي،
تنهن وقت شدت سان ياد مون کي،
هو سنڌ پري ڏاڍو ٿي اچي.

مون پيار انهيءَ جي ساک پري،
سن سيد جي تربت جي مٿان،
هي فرق سماجي ۽ رنڊڪ،
چڙ بيٺل ڪارونجهر اڳيان.

دردن جو سمنڊ آ نيڻن ۾،
پَر ننڊ نڪي آ نيڻن ۾.

*

گلابن جي وطن ۾ تون رهين ٿي،
اَجهو آهي منهنجو گندرف جبل تي،
جياپو تنهنجو منهنجو فرق پڌرو،
پيار جو خواب منزل مقتلن ڏي.

مٺي مان ڪيئن حقيقت کان لنوايان،
عذابن جي عدالت ۾ ٽنگيل هان،
اُجاڙي عشق جي پئي باھ جذبا،
زماني کان گهٽو اي دل هان.

سرحدون ريت جون سڪ ۾ لتاڙي،
پڳس تنهنجي گلابن جي وطن ۾،
ٻڌايو آهي خوشبو ماڳ تنهنجو،
لپي تو کي وتم اجري چمن ۾.

قبولين ڪاش! منهنجي پيار کي تون،
نہ رولين منهنجي شل سنسار کي تون.

❊

پنل ٿس ماڪ سان ڇهرو
سُتل آ ننڍ گهري ۾
چنڊ هن ڏي تڪي ٿو پيو
ڪلي ٿو يا لُڇي ٿو پيو.

ستارا سوچ گهريءَ ۾
ڪتيون ڇو وائڙيون آهن،
ڪنواري سونهن جوڀن ۾
اکيون اِن سان اڙيون آهن.

ڏسان جنهن لاءِ پيو سپنا
ملي شل ساڀيا ۾ هُو
آ جنهن جي سونهن لاثاني،
آ دل ان لاءِ مستاني......

هي دل سگهي نہ آ غافل،
انهيءَ جي ياد ۾ هرپل.....

❇

بائيبل جي نغمي جهڙا ٺهڪ ٽئي،
سونهن تنهنجي آ ڪرامت ڪا وڏي،
آسماني ووئڻ جي اجري ڦٽي،
توکي ساري چيٽ چاندوڪي ڪتي.

هير ٿڌڙي ڄامشورو ۽ جبل،
باک جي لالاڻ گيڙو ويس ڄڻ،
تنهنجي هٿ سهڻن ڇپن جو عڪس آ،
تونا جيئڻ ٻه ٽانڊن تي نچڻ.

منهنجي سڪ ۽ پيار کي ميٽا ڏئي،
مون کي تون پنهنجو ٻٽائي جي ڇڏين،
منهنجي بي رونق حياتيءَ ۾ اچي،
رنگ پنهنجي پيار جا شل تون ڀرين.

تون خدا جي نعمتن جهڙي حَسِين،
روح تي ڇانيل سدا تون مهجبين....

❋

ويس تنهنجو رات جي تارن جيان،
سونهن تنهنجي آسماني روشني،
ڏند اجرا جيئن ڦڙا هي شبنمي،
مرڪ تنهنجي باک اربي دلنشين.

تون اَسُر جي هير وڻندڙ آن،
سُک جي واديءَ توکي ورثو آ مليل،
تنهنجي ڪاڏيءَ جي مقدس تر جيان،
روح جون اکيون انهيءَ تر ۾ ڪُتل.

ڪر سخا تون ٻاجهه جي شيرين زبان،
عاشقي منهنجي وسيع ڪاٿو نہ ڪر،
نور جي جهرڻي ۾ وهنتل آ وفا،
سڪ لامحدود جو ماپو نہ ڪر.

منهنجي جذبن کي اجهو ۽ ڇانوءَ ڏي،
آٿتون ڏي منهنجي اُڏيل هيانءَ کي.

*

نہ آهي درد منهنجي جي ڪا سرحد،
گھاريو تو نہ مون سان وقت پنهنجو،
رهيئين مهمان وانگر تون سدائين،
نہ آيئي ياد چهرو بي نہ منهنجو.

انهي پيڙا سدائين روح رهڙيو،
رهيئين چو بي خبر مون کان مسلسل،
آهي تو سان ڇڄڻ جهڙو نہ رشتو،
آ مون ۾ رت تنهنجو ئي سمايل.

سڪيو هان تنهنجي شفقت لئہ سدائين،
جنم جي ڏينهن تي آندئي نہ تحفو،
نڪي تو ڪيڪ ڪارايو هٿن سان،
ڊسمبر ٻارنهين هو جڻ ڪو سسڏڪو.

نظر انداز مون کي تو ڪيو چو؟
زخم دل منهنجي کي ڇالئہ ڏنو تو؟......

❇

تون وڃين ٿو پيو ڄامشوري پڙهڻ،
منهنجي دل ۾ سوين وسوسا ٿا اُٿن،
گم نہ ٿي ڪٿي وڃين سهڻي شامن ۾ تون،
نيڻ توکي ڏسڻ لئہ متان پوءِ سڪن.

ڪنهن الهڙ ڇوڪريءَ کي ڏئي پنهنجي دل،
تون نہ منهنجي محبت ڏکاري ڇڏين،
شهر جي رونقن ۾ متان قيد ٿي،
ڳوٺ پنهنجو نہ ڪٿ تون وساري ڇڏين.

ڄامشوري جي جادوءَ کان پئي ڏجان،
جنهن گهٽين ڇوڪرين جي محبت ڪسي،
ڳوٺ جي ڇوڪرين کي روئاري ڇڏيو،
منهنجي دل پئي لڇي توکي ويندو ڏسي.

وڃ پيلي ڄامشوري پڙهي موٽجانءِ
پنهنجي نند پڻ جي چاهت نڪي رولجانءِ.

*

تو پنهنجي زهريلن روين،
تي ويچاريو ڇو نہ اجان آ،
نفرت جا هي ڍير اندر ۾،
ڇو پاليا ٿئي وير اندر ۾.

پيار کان ڪوهين ڏور تون ڇالئہ،
ڇو انساني واٽ وساري،
ٻاجه ،رحم کان پاسيرو آن،
چڱي ڪم کان پاسيرو آن.

پاڻ کي ڪر تبديل تون هاڻي،
پيار جي هن رنگين چمن ۾،
پوک محبت جا گل سهڻا،
ڏينهن نہ هر دم ساڳيا رهڻا.

نفرت بدبو، سوچ الا ڪجهہ،
محبت خوشبو ، سوچ الا ڪجهہ.

*

# گيت

تنهنجي ڪنوارن ڇپن جون ادائون
تنهنجي سُهڻين اکين جون ادائون
روح مهڪي پيو
منڙو ٻهڪي پيو
شل سُٺي دل ڇريءَ جون صدائون....

لوڏ تنهنجي ردم جهُمر وانگي
سڪ تنهنجي حدون وئي اورانگهي
پئي ٿي تولڻ لُڇي
راهه تنهنجي تڪي
شل سُڃاڻين تون منهنجون وفائون

روح ريشمي تند تو سان
منهنجي آهي جڙيل جند توسان
ناتو هي نيهن جو
آهي توسان سچو
مند وسڪارو ساڪي گهٽائون.....

درد، دمبورو تنهنجون تنوارون
رات جي سانت تنهنجون سنپارون
پاند" گوهر" پڄي
عشق ۾ پيو جهڄي
اڄ ميو پيار ڏي گر سخائون.....

*

تون جو وئين آمريڪا ساجن
منهنجو پيار ٽُٽي
پئي ٿي توکي دلڙي سڏي

ڄامشوري ۾ پڙهندي تو هو وچن ڪيومون سان
ڏک سک ۾ گڏ هونداسين مان رهندس توسان
توکي ملي ويزا جيئن او من
مون کي وئين تون ڇڏي
پئي ٿي توکي دلڙي سڏي

توسان گهاريل ماضيءَ جو هو وقت نٿو وسري
تڙپي تڙپي وقت الا وو منهنجو پيو گذري
اڪپوري آهيان مان توبن
واپس آءُ تڏي
پئي ٿي توکي دلڙي سڏي

ڇا توکي پرديس وڻي ويو گوهر“ ايڏو آ
توکان پنهنجي ڌرتي ڇالڪ وسري آهي ڀلا
اڄ ڀي تون دل جي آن ڌڙڪڻ
مون کي درد نہ ڏي تون
پئي ٿي توکي دلڙي سڏي.........
پئي ٿي توکي دلڙي سڏي.........

*

چيٽ چانڊوڪيون،
ڦول ڦولار،
سار تنهنجي وڌي،
پريت تولئہ لُڇي،
تون ڪٿي او پرين تون ڪٿي او پرين!

سيءَ جون راتيون،
توسوا ڪاتيون،
هيءَ وڇوٽي زهر،
او مٺا سوچ ڪر،
ڪاڏي ويو آن لڪي.
پريت تولئہ لُڇي،
تون ڪٿي او پرين تون ڪٿي او پرين!

هيڪلو هيڪلو
توسوا هيڪلو
لڙڪ سنڌوءَ جيان،
ٽا وهن اک منجهان،
پيو گذاريان سڪي،
پريت تولئہ لُڇي،
تون ڪٿي اوپرين تون ڪٿي اوپرين!

چاهہ توسان ڳنڍيل،
ساهہ ۾ تون سبيل،
سڱ ڇنڊو نہ آ،
ڏور ويڇو نہ آ،
سڪ توسان سچي،
پريت تولئہ لڇي،
تون ڪٿي او پرين تون ڪٿي اوپرين!
❊

تون سنڌ پري منهنجي آهين،تون ماڪ کان وڌ اُجري
آهين،
من موهين ٿي تون باک جيان،
تنهنجي سونهن جي سيوا جاري آ...............

نعمت ٻڄي ربّ کان ملي آن، اومنڙي تون منهنجي خوشي آن،
منهنجي دل جي ڌڙڪن ٻوليو،تون پاڪيزه پريت منهنجي آن،
وڇڙڻ جو تصور ماري ٿو،
درشن اتساهه ڏياري ٿو.
جيئري نہ توکان ڌار ٿيان،
تنهنجي سونهن جي سيوا جاري آ...........

ويس اڇو تو کي نهندو آ، حُور جنت جي لڳندي آهين،
تنهنجي اَدا دل جهومائي ٿي، مرڪي جڏهن تون ڏسندي آهين،
ان ويل نري ٿا نيڻ پون،
ڪُڏي خوشيون منهنجا پير چُمن،
جهومي پو جمالا چو نہ چوان،
تنهنجي سونهن جي سيوا جاري آ.........

زهر جياپو اڳ منهنجو هو،پيار ڏنئي ماکي ٻٽجي پيو،
چاندوڪيءَ جي ياڪر ۾ هان،تنهنجي نيٽن آڳر ۾ هان،
پئي منهنجي قبول ٿي آهي دعا،
هن دل جا لٿا سيئي اُلڪا،
تنهنجو ساٿ ڇڏي ڪيڏانهن وڃان؟
تنهنجي سونهن جي سيوا جاري آ........

❊

سک کسي شل ڏک نہ ڏين،
ڏار نہ ڪي پل مون کان رهين
اوسهڻي دل تولئہ سڪي........

سيءَ پچاتا بير پَڪا،
ڦَريون ڦوٽا جام لٽا،
شال اهي گڏجي کائين،
او سهڻي دل تولئہ سڪي.........

سرنهن ڦولار وچڻ واري،
مُند بهار وچڻ واري،
مست نظارن منجهہ ملين،
او سهڻي دل تولئہ سڪي.........

اوجاڳو ساٿاري آ،
تنهن سان گهاٽي ياري آ،
پنهنجي اکڙين ساڻ ڏسين،
او سهڻي دل تولئہ سڪي........

توسان گڏ خوشحالي آ،
مون سان گڏ بد حالي آ،
”گوهر“ لئہ ويچارين،
او سهڻي دل تولئہ سڪي............
او سهڻي دل تولئہ سڪي...........

❊

تنهنجي آڳر ۾ مُنڊي،
جنهن ۾ هيرو جرڪي ٿو،
تنهن جو ڀاڳ نرالو آ.......

تنهنجي ڪنهن سان پيٽ ڪيان،
سونهن ڪبوتر اُجري جيان،
منهنجو پيار اُجالو آ.......

روهيڙي جي گل جهڙو،
پاتل آهي تو ڪي وڳو،
ڦوهه جواني ڀالو آ......
ڦلڙيون تنهنجي اجرڪ جون،
دل سڪٽيءَ ڪي موهين ٿيون،
چپ تي تنهنجو نالو آ....
اُڀ نيراڻ لڪائي آ،
وٽندڙ موسم آئي آ،
ڪجهه ويچار جهڙالو آ......

ميتا مون ڪي محبت جي،
سڪ سان ڏين جي پاڻ اچي،
پوءِ هي گيت جمالو آ....
❊

اک اڙائي

دل تڙپائي،

لڙڪ لِڪائي نچندي پُھتي......

جنهن سان بيحد پيار ڪيو هُن،

جنهن کي پنهنجو ارپيو تن من،

درد لِڪائي،

نيهن نڀائي،

لڙڪ لڪائي نچندي پُھتي....

عشق اندر ۾ اڻ تڻ لاتس،

اڻ کٽ يادن چين نہ پاتس،

ننڊ ڦٽائي،

سک سمائي،

لڙڪ لڪائي نچندي پھتي...

ساجن جنهن سان ڪو نہ نڀائي،
وچن وساري ٿيو هرجائي،
چوٽ پچائي،
روح ريجهائي،
لڙڪ لڪائي نچندي پھتي....

همت هارڻ ڪا نہ سِکي آ،
نوريءَ نوڙت جا نہ ڪُچي آ،
گھاءُ پِلائي،
مرڪ سجائي،
لڙڪ لڪائي نچندي پھتي.......
لڙڪ لڪائي نچندي پھتي.......

*

هُئي هُئي تنهنجي مرڪ پياري،
هُئي هُئي تنهنجا ٺهڪ رسيلا.
جڻ ڇيرن ڇَم ڇَم.

هُئي هُئي تنهنجي سونهن نياري،
هُئي هُئي منهنجي پريت اُجاري،
هُئي هُئي تنهنجا نيڻ نشيلا.
دل تنهن ۾ گُم سُم.

هُئي هُئي تنهنجي ٻيل جيان وڪ،
هُئي هُئي تون نہ ڏسين ڪوئي ڏڪ،
هُئي هُئي تنهنجا ويس نويلا،
شرمايو موسم.

هُئي هُئي لمحا شام لڙيءَ جا،
هُئي هُئي لمحا چانڊوڪيءَ جا،
هُئي هُئي لمحا باک جا ويلا.
ٻڌجي ماڪ رُنم.

هُئي هُئي تنهنجو پيار اکين ۾،
هُئي هُئي مست نهار اکين ۾،
هُئي هُئي تنهنجا پور اويلا.
تڙپايو پريتم.

*

هوءَ مهاڻي ڄار ڇنڊي پئي،
موراڪا ڪاريءَ ۾ رکي پئي.

تنهن جي اکين ۾ چمڪ نياري،
سانوري رنگت بيحد پياري،
خوشحاليءَ جا خواب ڏسي پئي.

بيٺل ترندا نيٽ بتيلا،
سنڌوءَ ڪپ تي مڇندا ميلا،
پيءُ جو اُڌڙيل رڇ ڳنڍي پئي.

پهتو سنڌوءَ ۾ پاڻي پهتو،
پَلو اڄ يا سڀاڻي پهتو،
ويندا ختم ٿي ڏک چئي پئي.

شام جي ويلي ڪُرڙو ڇِليندي،
گهر ڀاتين لئه ڀوڙ رنڌيندي،
پنهنجو ساجن ياد ڪري پئي.

❊

ساهه  کان    پياري،
او    دل        واري،
روز ملين شل مور نہ وِڇڙين.

توکي  ڏسڻ  سان  ٿهڪ  لهن  ٿا،
دل  جهومي  ٿي  نيڻ    ٺرن  ٿا،
ساٿ  رهين  تون،
ڏک  نہ   ڏين  تون،
روز ملين شل  مور نہ وڇڙين
تُنهنجي  سونهن  جياپو  مون  لئہ،
منهنجي  دل  ڏڙڪي  ٿي  تولئہ،
او    سُهڻي    بڌ،
او    کلڻي    بڌ،
روز ملين شل مور نہ وِڇڙين.

مُرڪ تنهنجي آ باڪ جو منظر،
ٺهڪ تنهنجا موسيقيءَ جا سُرَ،
او البيلي،
سونهن نويلي،
روز ملين شل مور نہ وڇڙين.

”گوهر“ جو وڻندڙ سپنو تون،
توکي آ سڪ مان پوڄيو مون،
آس نچي ٿي،
پريت ڪُڇي ٿي،
روز ملين شل مور نہ وڇڙين،

❊

پريت جي نگريءَ منجهان،
جيءَ کي جلاوطن ڇو ٿي ڪرين.

سونهن جي پوڄا ڪندڙ هِن
پيار جي پورهيئي ڪندڙ هِن
جيءَ کي جلاوطن ڇوٿي ڪرين.

هي تپيل سنسار سارو،
ڪو ٻہ ناهي ٻيو سهارو،
جيءَ کي جلاوطن ڇوٿي ڪرين.

ڇو ڏِڪين اوڙاهہ ڏي ٿي،
ڇو تَڪين ٻي راهہ ڏي ٿي،
جيءَ کي جلاوطن ڇوٿي ڪرين.

پيار جو ڇَپر اُڪيڙي،
نفرتن کي تون سيهڙي،
جيءَ کي جلاوطن ڇو ٿي ڪرين.

توسان چاهت جو ڳانڍاپو،
ڏي تون ”گوهر“کي جياپو،
جيءَ کي جلاوطن ڇوٿي ڪرين.

❊

تون اندلٺ جي رنگن جهڙي،
تون مَڱئي جي سنگن جهڙي،
تون منهنجي سپني جي ساپيان.

تون گڏ لمحا مند بهارون،
ڇئوڏس موتيئي جون مهڪارون،
توسان پريت پتنگن جهڙي،
تون منهنجي سپني جي ساپيان.

تنهنجي مرڪ وِرونهن نرالي،
تنهنجي رَئي جي سونهن نرالي،
مور پکيءَ جي کنين جهڙي،
تون منهنجي سپني جي ساپيان.

نئهڻ اُس جيان آهي حياتي،
تو نہ منهنجي سڪ آهي سُجاتي،
چاھ مان وچندڙ چنگن جهڙي،
تون منهنجي سپني جي ساپيان.

*

عِشق اکين ۾، عِشق رَڳن ۾،
عِشق ڇپن تي،
عِشق دَڳن تي،

عِشق اُجالو عِشق جمالو،
عِشق ازل کان آهي حوالو،
عِشق مهانگو،
عِشق اَٽانگو،
عِشق ڇَڳُن ۾، عِشق بدن ۾.

عِشق علامت آهي دليري،
عِشق علامت آهي فقيري،
عِشق غريبي،
عِشق اميري،
عِشق ڌکن ۾ عِشق ٻُکن ۾.

عِشق تصّور ۾ سوچن ۾،
عِشق مصّور جي رنگن ۾،
عِشق حقيقت،
عِشق فضيلت،
عِشق گلن ۾، عِشق ڪنڊن ۾.

عِشق فقير جي گشتي ۾ آ،
عِشق ڪولابي گنتي ۾ آ،
عِشق صدا ۾،
عِشق دعا ۾،
عِسق سَڳن ۾ ،عِشق مَٽين ۾.

عشق”گوهر“ ڪي ميجتا ڏيندو،
عشق سچي جو وارو ايندو،
عشق الستي،
عشق جي مَستي،
عشق وطن ۾ عشق ڪفن ۾.

*

ٿاڪ منجهند جو لُڪ لڳي پئي،
لوٿو لَسيءَ جو آٽي مون کي،
پنهنجي هَٿڙن ساڻ پيئاريو
جيءُ جياريو جيءُ جياريو

کوسا جهولا مند ڏُکيري،
ساٿ نکي آ هير ٿڌڙي،
ٿڪ لٿا کلندي کيڪاريو
جيءُ جياريو جيءُ جياريو.

ماکيءَ ۽ مَکڻ مانيءَ ۾،
تو کارايو مهمانيءَ ۾،
ٻاجهاري نظرن سان نهاريو
جيءُ جياريو جيءُ جياريو.

تنهنجي سڪ پريت سگهاري،
ڦوھ جواني سونهن نياري،
پاڻ کي تو سهڻو سينگاريو.
جيءُ جياريو جيءُ جياريو.

"گوهر" کئي دل تنهنجي حوالي،
شال رکين تون پاڻ سنڀالي،
عشق تنهنجي آ روح اُجاريو.
جيءُ جياريو جيءُ جياريو.

اکيون سهڻيون ڏگهو چوٽو،
وار ڪارا ،بدن ٿهندڙ
ڇڏيو موهي منهنجي دل کي.

چليل بادام جا گورا،
سونهن اُجري سِڪا ڪورا
هلڻ تنهنجي،
ڪِلڻ تنهنجي.
ڇڏيو موهي منهنجي دل کي.

ڪٽي نظرون ڏسين ٿي تون،
اَدا معصوم ۽ مرڪون،
عطا تنهنجي ،
سخا تنهنجي.
ڇڏيو موهي منهنجي دل کي.

وسين ٿي ڄامشوري ۾،
هوائن جي هِندوري ۾،
وٺن پيا ٿا،
ٿڪ تنهنجا.
ڇڏيو موهي منهنجي دل کي.

”گوهر“ توکي پڪاريو آ،
سڪي تڙپي گذاريو آ،
اچڻ تنهنجي،
ملڻ تنهنجي.
ڇڏيو موهي منهنجي دل کي.

❊

# وايون

ڪڪيءَ ڪاري
تماچيءَ کي ڏسي مُرڪي

مهاڻي جي ڪھُلن تي هئي
ڏکي چاري
تماچيءَ کي ڏسي مُرڪي

سونهن ۾ سادگي نوڙت
اَدا پياري
تماچيءَ کي ڏسي مُرڪي

سَمي دل دان ڪئي سڪ سان
وفا ساري
تماچيءَ کي ڏسي مُرڪي

حجابن جي هندوري ۾
لڏڻ واري
تماچيءَ کي ڏسي مُرڪي

❋

نفرت اُڇلائي،
آءُ اسان جي ساٿ ۾.
سنڌڙي تنهنجو ديس آ،
محبت اُٿلائي،
آءُ اسان جي ساٿ ۾.
بُغضي ڪاريهر ڪڍي،
تِن کي ڪچلائي،
آءُ اسان جي ساٿ ۾.
من ۾ پوک گلاب تون،
پئنورا پنيلائي،
آءُ اسان جي ساٿ ۾.
”گوهر“ جيان احساس کي،
گيڙو رنگ لائي،
آءُ اسان جي ساٿ ۾.

❁

ڇا تون جي سگهندين؟
خوشبوءَ کي گروي رکي!

چمبيليءَ وَل کي وڍي،
واس وٺي سگهندين،
خوشبوءَ کي گروي رکي!

گندرف سڙيل باغ ۾،
ڀئورا ڀِري سگهندين،
خوشبوءَ کي گروي رکي!

فطرت کان ٿي اوپرو،
خوش رهي سگهندين،
خوشبوءَ کي گروي رکي!

”گل“ کي ٿاريءَ مان پٽي،
سُور سهي سگهندين،
خوشبوءَ کي گروي رکي!

*

جذبا روڪيندي،
وڇوڙو پوڳيو سدا.

ميلاپو ٿيندو ڪڏهن، تولئہ سوچيندي،
وڇوڙو پوڳيو سدا.

محبت ناهي مشڪري، پل پل لوچيندي،
وڇوڙو پوڳيو سدا.

دل تي هَرُ سڪ جو ڏئي، وفا پوکيندي،
وڇوڙو پوڳيو سدا.

”گل“ جي فطرت آ، اها خوشبو اوتيندي،
وڇوڙو پوڳيو سدا.

❊

تنهنجي لفظن مان
گندرف جي ڏپ ٿي اچي.

انتريو جيڪو ڏنئي،
تنهنجي جملن مان،
گندرف جي ڏپ ٿي اچي.

واءُ اُتر چغلي ڪنئي،
تنهنجي توبن مان،
گندرف جي ڏپ ٿي اچي.

ماڻهو ويا سمجهي اٿئي،
تنهنجي روين مان،
گندرف جي ڏپ ٿي اچي.

جام لَهوءَ لب تي جشن،
تنهنجي ٿڪن مان
گندرف جي ڏپ ٿي اچي.

❊

الا هي انسان
ڪيڏو ظالم ٿو لڳي.

سونهن نگر جي ديس ۾،
بارودي سامان،
ڪيڏو ظالم ٿو لڳي.

پيار تي پابنديون هڻي،
جَرڳي اندر خانُ،
ڪيڏو ظالم ٿو لڳي.

لڪي مذهب اوٽ ۾،
مفتيءَ جو فرمانُ،
ڪيڏو ظالم ٿو لڳي.

*

منهنجي جيجلڙي
مون کان وسري ئي نٿي،

ساٿ ڇڏي هو اوچتو، وئي آهي وڇڙي،
منهنجي جيجلڙي  مون کان وسري ئي نٿي،

هن سهڻي سنسار کان، ڏاڍو ڏور وئي،
منهنجي جيجلڙي ، مون کان وسري ئي نٿي،

مون وٽ سارڻيون ڇڏي،آهي وئي امڙي،
منهنجي جيجلڙي، مون کان وسري ئي نٿي،

درد رانيوٽو روح ۾، گهاءُ پيو اُڪڙي،
منهنجي جيجلڙي، مون کان وسري ئي نہ ٿي.
منهنجي جيلڙي، مون کان وسري ئي نہ ٿي.

*

منهنجي دردن کي،
تو نہ سڃاتو آ اڃان.

پيڙائون پوڳيان پيو
منهنجي زخمن کي،
تو نہ سڃاتو آ اڃان.

آءُ اڪيلو ڳوٺ ۾،
منهنجي جذبن کي،
تو نہ سڃاتو آ اڃان.

گونجن پيا جهرجهنگ ۾،
منهنجي گيتن کي،
تو نہ سڃاتو آ اڃان.

آليون ”گوهر“ جون اکيون،
منهنجي ڳوڙهن کي،
تو نہ سڃاتو آ اڃان.

❊

مرڪ نہ ماروئڙن،
سنڌوءَ ۾ پاڻي جهڪو.

ڦڙو ناهي موڪ ۾،
پوڪيل ٻج سُڪن،
سنڌوءَ ۾ پاڻي جهڪو.

وارا بنديءَ جي ڪري،
ماڻهو روز وڙهن،
سنڌوءَ ۾ پاڻي جهڪو.

ڦريم لڳل مانڊول ۾،
واهہ بہ گهٽ وَهن،
سنڌوءَ ۾ پاڻي جهڪو.

ڪوٽ نہ آ پنجاب جا،
واهہ سيئي ڇلڪن،
سنڌوءَ ۾ پاڻي جهڪو.

ڄامشوري ماڳ تان،
واريءَ پِٽ اُڏن،
سنڌوءَ ۾ پاڻي جهڪو.

ليڊر پنهنجي ديس جا،
پوءِ ٻيي ماٺ رهن،
سنڌوءَ ۾ پاڻي جهڪو.

❊

هاڻي ڇا ٿيندو؟
پورهيت سوچي ٿو.

سارين اگهه لهي ويا،
قرض نہ لاهيندو،
پورهيت سوچي ٿو.

ٻَر جي ڪائڻ لئہ ڪٽي،
ڪير اٿو ڏيندو؟
پورهيت سوچي ٿو.

ڪٽان رکان ڏن لئہ،
مرشد پيي ايندو،
پورهيت سوچي ٿو.

وياج پروڪو آ رهيل،
هيل وڏي ويندو،
پورهيت سوچي ٿو.

چيٽ فصل چٽ قرض ۾،
ڇا مون لئہ بچندو،
پورهيت سوچي ٿو.

*

ڪنهن جي نيڻ ڪي ،
ننڊ نہ آئي رات جو.

پائر ٽاٽي تي ٽنگيل، گهر ۾ پيٽن ڪي،
ننڊ نہ آئي رات جو.

بک جي پاڪر ۾ ٻڪيل،هيسيل هيٺن ڪي،
ننڊ نہ آئي رات جو.

روئندي ٻار سمهي پيا، ٻرندڙ ڏيئن ڪي،
ننڊ نہ آئي رات جو.

ڳوٺ ڪُليو اسڪول جيئن،پيرن،ميرن ڪي،
ننڊ نہ آئي رات جو..
ننڊ نہ آئي رات جو..

❊

چانديءَ جو ڪڱڻ،
مشڪي ٻانهن ۾،
ڪيڏو سهڻو ٿو لڳي.

سرمون جو پاتل اٿس،
مست نگاهن ۾،
ڪيڏو سهڻو ٿو لڳي.

پيلو ڦول سرنهن جو،
ساون گاهن ۾،
ڪيڏو سهڻوٿو لڳي.

اوسيئڙو جو مون ڪٽيو،
تنهنجي راهن ۾،
ڪيڏو سهڻو ٿو لڳي.

سورج سرتيءَ گج تي،
ٽاڪيل ڪاون ۾،
ڪيڏو سهڻ ٿولڳي.

❇

خوشبوءَ کي پوکي،
تولئہ آڻيندس خوشيون.

.

هير ٿڌيري مُند ۾
لڙڪن کي روڪي،
تولئہ آڻيندس خوشيون.

زخمي هينئڙي جي اندر
روح نئون ڦوڪي،
تولئہ آڻيندس خوشيون.

هن درديلي ديس ۾
اتساهي توکي،
تولئہ آڻيندس خوشيون.

❊

مُرڪ تنهنجي مٺي،
سونهن تنهنجي چٽي،
تون منهنجي زندگي......

چنڊ پيو ٿو تڪي،
توڏي مون ڏي يڪي،
تون منهنجي زندگي.....

ناهي بدبو هتي،
ساٿ خوشبورُڳي،
تون منهنجي زندگي.....

پيار جي سمنڊ ۾،
آهٺون گڏ ٽٻي،
تون منهنجي زندگي....

تولئه بيچين آ،
تنهنجو"گوهر" سچي،
تون منهنجي زندگي....

❋

# پنجڪڙا

عزيزو منهنجا چاڪ چوليو متان،
ڏِنوَ ڪينَ ڀُلجي ڪڏهن چاهتون،
ٻچن جون اوهان کي اَڻوَ پارتون،
وڇڻ بعد ٻوڙ تن کي روليو متان،
عزيزو منهنجا چاڪ چوليو متان.

❊

ويو جو وقت گذري ڇڏ انهي ءَ کي،
شروع نئين پيار جي تحريڪ ڪر تون،
نيڪ ناهن رويا نيڪ ڪر تون،
تولڻ تڙپي پيو جو سڏ انهيءَ کي،
ويو جو وقت گذري ڇڏ انهيءَ کي.

❊

مجتائن جا رستا روڪين ٿا،
واس هوا تي، تن جو ڪو اختيار نہ آ.
روشني اوندهہ ۾ ڪيئن ٽيندي قيد ڀلا،
بغض، حَسد ۽ ساڙ انائون ڀوڳين ٿا،
هي جي مجتائن جا رستا روڪين ٿا.

❊

ادبي داداگيرن پنهنجا دنگ ڪڍيا،
ميڄتا ڏيٽي آ مخصوص اديبن کي،
دعوت ناهي ڏيٽي ڇئي ۾ ناهن جي،
وقت جي گردش تن کان هوش حواص کسيا،
ادبي داداگيرن پنهنجا دنگ ڪڍيا.

❉

ڇا تو سان پيار جو اظهار ڪريان؟
بنا اظهار جي سمجهين نہ ٿي تون!
منهنجي اکين کي ڇو پرکين نہ ٿي تون!
فقط تولاءِ پيو سينگار ڪريان !
ڇا تو سان پيار جو اظهار ڪريان؟

❉

هي خماريل ڇيرويون تنهنجون اکيون،
جن ۾ سانڍيل ڪائناتي ڪل حُسن،
امن جي اُجري پکيءَ جهڙو بدن،
جيءَ کي ڏئي جهير ويون تنهنجون اکيون
هي خماريل ڇيرويون تنهنجون اکيون.

❉

اڪثر سياستدان وڪائو مال جيان،
جيڪي ڪو نہ وڪاڻا قومي هيرا هن،
ڌرتي هٿ غدار رڳو ڄٽيا ناهن،
سچا ليڊر جيل سزائون پوڳين ٿا،
اڪثر سياستدان وڪائو مال جيان.

❇

ساون ڪيٿن جيئن سونهري ويس ڍڪيو
هير ڌڪڻ جي سُرها واس ڪٽي آئي،
ماضيءَ جا حُسناڪ تصور تنهائي،
اوسيئڙي ۾ لڇندي درد رنگين چڪيو،
ساون ڪيٿن جيئن سونهري ويس ڍڪيو.

❇

ڌرتي سونهن، پريت ۽ طبقاتي پيڙا،
منهنجي ڪُل ڪوتا ۾ تن جا رنگ چٽا،
دنيا جي مظلوم دلين جي درد ڪٿا،
لفظ لفظ ۾ سچ حقيقت پڌري آ،
ڌرتي سونهن پريت ۽ طبقاتي پيڙا.

❇

اکين ۾ زندگيءَ جا رنگ وٽندڙ
ڪٿان آندا اٿئي هي خوبصورت،
ڏسي تن کي ڪيم توسان محبت،
بدن بخمل سُريلا انگ وٽندڙ
اکين ۾ زندگيءَ جا رنگ وٽندڙ.

❊

حجر اسود جيئن ڪعبي سان جُڙيل،
شال مون سان تون ايئن جڙيل رهين،
پل بہ هڪڙو تون نہ مون کان ڌار ٿيئين،
سونهن تنهنجيءَ ۾ اکيون منهنجون اڙيل
حجر اسود جيئن ڪعبي سان جڙيل.

❊

ڳگهہ اوندهہ مثل آءُ تون روشني،
جهالت جي سمنڊ ۾ غرق جيون،
ماٺيپي تي رسايو تنهنجي جلون،
ٻاجهہ ڪئي تو وساري دشمني مون،
ڳگهہ اوندهہ مثل آءُ روشني تون.

❊

ڦوهه جوڀن ۾ ڪُسي وئي سونهن آ
چنڊ ڀِريو سوڳ ۾ ڪارو جبو
ٽرٽلي ۾ آ پيٽائيءَ جو قبو
ڇو رتل هن ديس ڪان ورونهن آ
ڦوهه جوڀن ۾ ڪُسي وئي سونهن آ

❊

تو ڏني جا خواب ۾ مون کي چُمي،
شل اها ڏين ساڀيا ۾ تون مون کي
ياد آن هر پل دعا ۾ تون مون کي،
نقش ٽيل من ۾ تصّور ريشمي،
تو ڏني جا خواب ۾ مون کي چمي.

❊

طورسينا جبل وانگي جلي مون،
مِٽائي پنهنجي هستي کي ڇڏيو آ،
تو کي ماڻڻ جو سپنو ئي رکيو آ،
پيوڳيا درد هن تنهنجا کلي مون،
طورسينا جبل وانگي جلي مون.

❊

ڇو نہ منهنجون التجائون تو ٻڌيون،
تون سدا پنهنجي دنيا ۾ رهيئين
پنهنجو هوندي پي نہ تون منهنجو ٿيئين
غير جي منهن مان گلائون تو ٻڌيون
ڇو نہ منهنجون التجائون تو ٻڌيون

❊

تو سدا ڪلندي ڏٺو آهي مون کي،
منهنجي نيڻن ۾ لڪل آ ڪربلا،
منهنجي پيڙا تو نہ سمجهي ڇو ڀلا،
تنها روئندي تو ڏٺو ناهي مون کي،
توسدا ڪلندي ڏٺو آهي مون کي.

❊

تنهنجي ويجهو آيس تو ويساهہ ڏنو،
تو تبديلي منهنجي جيون ۾ آندي،
تو تبديلي دل جي ڌڙڪڻ ۾ آندي،
تنهنجي گفتن ڏات کي نئون اتساهہ ڏنو،
تنهنجي ويجهو آيس تو ويساهہ ڏنو.

❊

ڪاري ڪامڻ جي وائرس جيان آ ضدي،
درد منهنجي پڇر هٿ چڙي ئي نہ ٿو،
چين توبن مون کي هٿ اچي ئي نہ ٿو،
سارَ منهنجي مسيحا نہ ٿئي ڇو لڌي،
ڪاري ڪامڻ جي وائرس جيان آ ضدي.

❊

بند اکين ۾ تنهنجو تصوّر ئي آهي
ريشم جهڙن خوابن کي ساڀيائون ڏي
منهنجي اُجري چاهت کي ميجتائون ڏي،
توکان سواءِ ٻئي ڪنهن لئہ سوچيو ئي ناهي،
بند اکين ۾ تنهنجو تصوّر ئي آهي.

❊

منهنجي رت ۾ بغاوت ٻڪي ٿي پئي،
سنڌ تنهنجي محبت جو آهي اثر،
منهنجي مارن جو آهت جياپو زهر،
سامراجي عداوت اُٿي ٿي پئي،
منهنجي رت ۾ بغاوت ٻُڪي ٿي پئي.

❊

جنگي قيدي جهڙو جياپو منهنجو آ،
پيار، خوشين ۽ شفقت کان محروم آهيان،
اُجرا امن جا خواب رُتل هن نيڻن کان،
ڏک ۾ لڙڪن سان لاڳاپو منهنجو آ،
جنگي قيدي جهڙو جياپو منهنجو آ.

❊

هڏڪي تنهنجي نانءُ وٺڻ سان مرڪي پئي،
تو جو مون کي ساريو تنهنجا قرب لکين،
شال مون کي تون پنهنجي ٻانهن منجهه ٻڪين،
ماڪ اَسُر جي سونهن چمڻ سان مرڪي پئي،
هڏڪي تنهنجي نانءُ وٺڻ سان مرڪي پئي.

❊

چنڊ مٺيءَ جي گج جي ٽاڪيل ڪاون ۾،
من موهيندڙ منظر نيڻ ٺري پيا هن،
خوشين جو پاڪر آ ڏک پڇي پيا هن،
هاڻ نہ ڪوئي درد اندر جي گهاوَن ۾،
چنڊ مٺيءَ جي گج جي ٽاڪيل ڪاون ۾.

❊

هاءِ وڇوڙا ٽٽندا جوڙا آءُ نہ تون
سک نہ لاٿي سونهن پريمين پريت منجهان،
درد جي موسم جا پيو ٿو آثار ڏسان،
پيار ڪندڙ دلين ڪان ڪس نہ الا خوشيون،
هاءِ وڇوڙا ٽٽندا جوڙا آءُ نہ تون.

❊

تون ڇا ڄاڻين باک ڦٽيءَ جي منظر کي،
تنهنجا نيڻ اَسُر جي ويلي خواب ڏسن،
ڪوڪ نڪي ڪويل جي تنهنجا ڪَنَ سُڻن،
تو نہ ڏٺي آ ماڪ اَسُر جي آڳُرَ تي،
تون ڇا ڄاڻين باک ڦٽيءَ جي منظر کي.

❊

چوڙيون تنهنجي ٻانهن ڇمڻ سا ن مرڪي پيون،
خوشبو تنهنجي وارن ۾ ٿي رقص ڪري،
اونداهيءَ ۾ سونهن تنهنجي جڻ چنڊ ٻري،
سوچون تنهنجي ياد اچڻ سان مرڪي پيون،
چوڙيون تنهنجي ٻانهن ڇمڻ سان مرڪي پيون.

❊

سڀ لئہ گهاٽي ڇانوَ ۾ مون لئہ ننڌڻ آن،
تنهنجي خود غرضين هيءُ روح رنجايو آ،
ڇا تو وٽ احساس نہ پلجي آيو آ،
ڪيڏيون خوشيون مون لئہ روئڻ آن،
سڀ لئہ گهاٽي ڇانوَ ۾ مون لئہ ننڌڻ آن.

❇

ڪارا تر ٻئين تنهنجي ڪنڌ ۾ ڪاڏيءَ جا،
تنهنجي بدن تي امن علامت هن ٻٽيل،
حسرت ساڻ تڪي پئي تن ڏي منهنجي دل،
سونهن تنهنجيءَ کي سجدا ڪن پيا نيڻ سدا،
ڪارا تر ٻئين تنهنجي ڪنڌ ۾ ڪاڏيءَ جا

❇

منهنجي ذهن ۾ سوچ تصّور ۾ تون ئي،
ڇانيل آهين توکي وسارڻ وس ۾ نہ آ،
تون ڪنهن کي ٿي چاهين خبر نہ مون کي ڪا
تو کي چاهيو حد کان وڌ چاهيو مون ئي،
منهنجي ذهن ۾ سوچ تصّور ۾ تون ئي.

❇

وار تو جڏهن ڇوڙيا،
تنهنجو ويو لڪي چهرو،
روشنيءَ تي پيو پهرو،
ٻاٽ پنهنجا ڪر موڙيا،
وار تو جڏهن ڇوڙيا.

❇

زندگي پئي گذري،
پڇ نہ تون اهو مون کان،
ڇا لڪايو آ توکان،
ٻاهه ۾ پئي پڄري،
زندگي پئي گذري.

❇

تون جڏهن ڇڏي ويندينءَ،
پنهنجي ڄامشوري کي،
روح جي هندوري کي،
تون نڪي وري ايندينءَ،
تون جڏهن ڇڏي ويندينءَ.

❇

توِن منهنجي خوشي آهين،
ساهه جي رڳن جهڙي،
چيٽ جي حُسن جهڙي،
ووڻن جي ڦتي جهڙي آهين،
توِن منهنجي خوشي آهين.

❊

سنڌ ۽ سنڌ واسين جي حقن لئہ جنهن نہ لکيو،
تنهن ليکڪ جي منهن ۾ ڪاري ڏوڙ وجهو،
جنهن بہ ڪئي غداري تنهن کي اک ۾ رکو،
ڌرتيءَ جي تاريخ منافق تنهن کي سڏيو،
سنڌ ۽ سنڌ واسين جي حقن لئہ جنهن نہ لکيو.

❊

هاءِ سوزڪي ڪار اڇي رنگ جي تنهنجي،
جنهن ۾ گهمين ٿي ڪارو چشمو توِن پائي،
دل سڪڻيءَ کي ڪير ڀلا پوءِ سمجهائي،
تلخ حقيقت فرق سماجي پيس تڙپي،
هاءِ سوزڪي ڪار اڇي رنگ جي تنهنجي.

❊

هونءَ ته اسان جو ميل بظاهر نا ممڪن،
پر جي تون چاهيندينءَ وات ٺهي پوندي،
طبقاتي ويڇن جي ڀِت ڊهي پوندي،
سڪ سان جي ويچارين پو سڀ ڪجهه ممڪن،
هونءَ ته اسان جو ميل بظاهر نا ممڪن.

❊

منهنجي دل پنجاب جيان خوشحال نه آ،
مون وٽ اڻ ڪٿ پيڙا ءِ بک بد حالي،
پل به نه هڪڙو ڳوڙهن کان اکڙيون خالي،
خوشيون اڻ لڀ دردن جو هٽ ڪال نه آ،
منهنجي دل پنجاب جيان خوشحال نه آ.

❊

حُسين تنهنجي صبر تان صدقي حُسين تون بي مثال آهين،
کهائي ڪربل ۾ دادلا سڀ تو دين اسلام کي بچايو،
يزيديت کي فنا ڪري تو حُسينيت جو فڪر بڌايو،
حُسين تنهنجي عظيم هستي حُسين تون لازوال آهين،
حُسين تنهنجي صبر تان صدقي حُسين تون بي مثال آهين.

❊

ڇڱي جنگ ناهي امن لئہ اٿو،
بمن جي نہ ورکا ڪريو ڀونءِ تي
نڪي گيت جي ڪا صدا ٿي اچي
دنيا جا او رهبر اوهان ماٺ ڇو،
ڇڱي جنگ ناهي امن لئہ اٿو.

❊

سونهن پريءَ جي پوتي ڀرٽ ڀريل موهيو،
تنهن جا وٽندڙ رنگ سرنهن ڦولار جيان،
شال نہ هڪڙو پل ڀي هن کان ڏار ٿيان،
منهنجي دل کي هن جي نيڻ ڪجل موهيو،
سونهن پريءَ جي پوتي ڀرٽ ڀريل موهيو.

❊

عزيزو ڇڏي ويڇا ويجهو اچو
ڪڏي دل مان ويريون ونديو پيارکي
وڇايو گلن کي ڪڍو خار کي
ڇڱي ناهي نفرت انهيءَ کان بچو
عزيزو ڇڏي ويڇا ويجهو اچو.

❊

چوي لوڪ ڇا پيو نہ پرواھ ڪا
اسان سچ سان نيهن لائي ڇڏيو
اسان ڪوڙ ڏوڪو پچائي ڇڏيو
وفا ۾ اسان ماٽي اڻ ڪٿ سزا
چوي لوڪ ڇا پيو نہ پرواھ ڪا.

❊

منهنجي ڪوجهي مستقبل کي سهڻو ڪر،
حال آ گدلو پيار جو سخت ڏڪار هتي،
بغض ۽ حسد ۾ ماڻهو هن بيمار هتي،
ڏوڙ ڏوئي دردن جي دل کي سهڻو ڪر،
منهنجي ڪوجهي مستقبل کي سهڻو ڪر.

❊

# ٽيڙو

پنهنجي ڀاڪُر ۾
قيد ڪري ڇڏاو مٽي،
نيٽن آڳر ۾

❊

ٽر ڪاڇو ساڪي،
لاڙ وچولو ۽ اُتَر
تون منڙي ماڪي.

❊

آزادي ملندي،
هاريو ناهي حوصلو
خوشحالي نچندي.

❊

وقت جي قيمت ڄاڻ،
وارث جيجل سنڌ جا،
ماٺ ۾ آن ڇا ڪاڻ.

❊

بازَر ۾ پندي،
جوڳياڻيءَ کي پيا ڏسن،
ڪي ماڻهو کِلندي.
❋

پيار نہ بَدَبوُ
پيار سمورو او پرين،
خوشبو ئي خوشبو.
❋

آخر ٿيندي جيت،
دَٻجي ويندين نفرتون،
مرڪي پوندي پريت
❋

عورت جي تاريخ ،
پيڙائن سان آ ڀريل،
جڙ ڪا تپيل سيخ.
❋

سرنهن جي ڦولار،
ساڳ پٽيو سُهڻين پئي،
ڇئوڏاري هبڪار.

❊

سرنهن جي ڦولار،
هاري ڳاهي ڳاهہ پيو،
مُک تي گهنج هزار.

❊

سرنهن جي ڦولار،
مينهون لوسڻ پوک ۾،
پورهيت جي ڪوڪار.

❊

آس اِها آهي،
مون وٽ هلي تون اچين،
ويڇن ڪي ڍاهي.

❊

سورج مرڪي ٿو،
وينگس گج تي ٿاڪيل،
ڪائو ڇمڪي ٿو.

ٿانئا ٿمڪن ٿا،
سرد اُماس راتيون،
جذبا ٽڙپن ٿا.

جوهي ۾ ڪاڇو،
من ۾ ساري سنڌڙي،
ڪير ٿر پاڇو.

سرنهن جي ڦولار،
رنگا رنگي ويس ۾،
ڪونجن جي قطار.

❊

گهورن پيا هر هر،
مارئي هاسٽل سامهون،
لوسي ۽ لوفر.

چَرس جا سوٽا،
بوائيز هاسٽل جي اندر،
ينگ ڏندا ڪوندا.

پهتا ڪو نه ڪلاس ۾،
آرٽ فيڪيلٽيءَ لان ۾،
چرچن جا اُپياس.

اڪ ويس اٽڪي،
سنڌ ورسٽيءَ ۾ ويو
آهي هُو پٽڪي.

❊

فڪر سيد جو،
ذهن ۾ تاڪيل،
ڪير اُڊيڙيندو.

لهي ويون ساريون،
قرض نہ لاٿو پورهيت،
ويا جيءَ جون گاريون.

واھ نہ هُيس ڪا ٻي،
وياج نگر ۾ ويو رڪي،
غيرت ڪي گروي.

سيّد جو فرمان،
سنڌ سپوتن لئہ مثل،
گيتا ۽ قرآن.

❊

جَلسي ۾ تقرير،
ڳاڙيا پئي واڳونءَ جيان،
ليڊر اکڙين نير.

جَلسي ۾ تقرير،
وچن ورجائي پيو،
بدليندُس تقدير.

جَلسي ۾ تقرير،
سدا جيئي سنڌڙي،
مان هوشوءَ شَمير.

ڪنهن کي ڳولي ٿي،
گهاٽي وڻ جي لام،
جهرڪي ٻولي ٿي.

❋

پير، وڏيرا، خان،
ڊالر تي وڪڻي چُڪا،
ڌرتي ۽ ايمان.

وڙهي پيا ايجنٽ،
پولنگ اسٽيشن اندر،
ڏندي جُنڊا پَٽ.

واهه نہ هين ڪا،
آفيسن ۾ زوري هَيئون،
ٽپن تي ٽپا.

مظلومن نعرو،
ڪيسين رهندو ڏاڍ هي،
ورڻو آ وارو.

❇

# بيت

سنڌ آ ٿاڪيل ساهہ ۾ سنڌ نہ مون کان ڏور
سنڌ اکين جو نور ،سنڌ جياپي جو سبب

امن ڪٿي آهين ،موٽ اسان جي سنڌ ڏي
ڀلجي ويو آهين ، ڇا رستو هن ڀونءِ جو

تون انتر نيٺ تي هر پل آن گُم سُم
ٻاهر ڏس موسم ڪيڏي پياري ٿي لڳي

ڪروڙين وجود ، ڪاري ڪامڻ قيد ۾
توڙي لامحدود، وسيلا هن ديس جا

❊

مياں تو وٽ ماڻهپو مانگهو ڇا لاءِ،
مون کي اِهو سمجهاءِ، تون بيٺو آهين ڪٿي.

چاندوڪيءَ جي ڪُنب مان وهنجي نڪتيءَ تون،
نوراني ڦهنگون، تنهنجي وارن مان ٽميون

لاب لاهيندي تون جڏهن وينيئن ٽالهي ڇانوَ
۾ مانيءَ جا ٽانوَ ويڙهيئي پئي رول ۾

هي جا مند بهار جي امن پئي ٻولي،
ڪوئل پئي ٻولي، ڪيڏارا هن ديس جا.

❊

هي جا  مند بهار جي، خوشين کان خالي،
پنهنجي ڌرتي تي ٽڪيل  بک ۽ بد حالي،
”گوهر“ اک آلي، موج نہ آ مهراڻ ۾.

هي جا منهنجي زندگي، توبن اڌپوري،
شال نہ ٿئي  دوري، تنهنجي منهنجي ڪڏهن.

آءُ اسان جي ست ۾ پٽڪي ويل پاءُ،
سنڌ ازل کان هن سنا صدين جيڏا گهاءُ
پنهنجو نيهن نڀاءُ، قومي غيرت سان اچي.

مون کان ڏينهون ڏينهن، پري ٿيندي پئي وڃين،
توسان ناتو نيهن،ڇڙيين يا   پاڪر وجهين.

⁂

سدا رهين مصروف تون انٽر نيٽ تي جيئن،
مون کي ڏس مان ڪيئن ، تنهنجوا وسيئڙو ڪٽيان.

ڪويل ڪوڪي ڪيترو ، ڪنايو تو ڪو نہ،
اکيون آسُر ڇو نہ، ڪلندي ڪوليئي خواب مان.

محبت سان مرڪي مٺي ،منهنجو من موهُيئي،
مون ۾ سمو هِيُئي ،خوشبو واسيل ماٺيو.

روح اچي ريجهاءِ تون، روڪ نہ رولاڪيون،
وٽندڙ چاندوڪيون، چپ چمڙ ڏي چاهہ مان.

⁂

حق جي حقيقت ، حق حقدارن کان پري،
هيٺا هيسائي ڪئي ڪنهن آ ورهاست،
اهڙي طريقت، آندي ڪنهن انسان ۾.

منهنجي من ۾ تون ايئن سپ ۾ موتي جيئن،
الا توبن ڪيئن، جيئندس جڳ ۾ هيڪلو.

بم ڌماڪا باھ هي ،پڙڪائين پيا ڪير؟
ڇئوڏاري رت ڍير ،ماڻهن جا عضوا سڙيل.

نلڪي ڪي گيڙا ڏئي ،دِلو ڀريو تو،
وارن جو چوٽو،لڏيو ٽڏڙي واءُ تي.

⁂

ٻڻجي وينا هن جيڪي راڪا عوامي،
بين الاقوامي، دشمن سي مظلوم جا.

وله ۾ پيل ڪٽ تي، ستل گهري ننڊ
اُپ تي ڇئوڏس چنڊ ،مرڪي پيو هن ڪي ڏسي.

دوڪيبازن منڊي، دوڪو وڪامي،
اندر ايامي، پيو ان انياءَ تي.

ڇاڏيءَ ۾ ڏونئرو ڄميل، جنهن ڪي ولوڙيئي،
مکڻ نچوڙيئي، گهاتي لسي ڪان جدا.

⁂

پرٿ پريندي آر سان،ٿاڪيئي گل رومال،
صفائي جو خيال، خاص رکيو تو خوب آ،

المنظر جي ماڳ تان ڏسون ٿا درياهہ
ڪنڌ شرم سان ٿا جهڪن ذهنن ۾ آڙاهہ
شال ستت ساڃاهہ اسان سيني ۾ اچي.

هي جي تنهنجي چئوطرف، پئورن جا ڦيرا،
خوشبو تنهنجي جان ۾ ڄمايا ديرا،
خوشبو جا پيرا، سهڻي تنهنجي سيج تي.

هي جا گندرف ڍپ، اچي پئي مسجدن منجهان،
رت فراسيون ۾ نڪون، لاش نمازي چُپ،
دهشتگردي ڍپ، شهر سجو ڌهڪاءُ ۾.

⁂

هي جي تنهنجا نيڻ هن،فطرت جو احساس،
چاهت جو اتهاس،سانديل دل سڪٽي اندر.

هي جي تنهنجا نيٽن هن،مورپکيءَ جيئَن کنڀ،
اوسيئڙي جا ڏنڀ،شال نہ اربين تون کڏهن.

هي جي تنهنجا نيڻ هن،مجتائن جو ماڳ،
تنهنجي هٿ واڳ، منهنجي جيون جي مٽي.

وسڪاري جي مند ۾ ڪاڇي ۾ عيدون،
شال سدا خوشيون ،هُجن ساري سنڌ ۾.

⁂

تون جي ڪمپيوٽر مٿان ، سڄو ڏينهن جهُڪيل،
جذبن ۾ هلچل، ڪيڏا هِن ويڇا وڌيا.

اِبن يزيدي پيا اَڏين، روز ٿل ڪئنال،
سڄي دنيا ۾ نہ پيو ملندو اهڙو مثال،
ڏارين جا دَلال ،پيٽڪائين پيا قوم کي.

ڪاش اِهو جاڻي سگهين، توسان ڪيڏو پيارُ
هيءَ سڄو سنسار، پيٽا تنهنجي مُرڪ تي.

ڪله ياسر عرفات هو، اڄ ان جاءِ پيو،
رستو آ ساڳيو، فرق فقط سرواڻ جو.

⁂

ڏکڻ ايشا ڇا سڄي دنيا ۾ بارود،
ناهي مئو مردود، افراتفري آ متل.

سيّد تنهنجي سنڌڙي پوڳي پئي پيڙا،
صدين کان سڏڪا، گونجن پيا سنسار ۾.

پلجن پيا ٿا سنڌ ۾ وحشي ماڻهو ڪوڙ،
اُٿ محافظ سنڌ جا خاموشيءَ کي ٽوڙ،
قوم جي لئہ جاڪوڙ وقت ڏکيو ڏرتيءَ مٿان.

او من شل سمجهي سگهين، منهنجون پيڙائون،
چاهت مالهائون ،پاتل تنهنجي نانءُ جون.

⁂

هي جا تنهنجي سونهن آ اونداهيءَ ۾ لاٽ،
ايندي مورُ نہ ٻاٽ، جيسين تون سنسار ۾.

چنڊ اسان جي ديس ۾ پيار ڪرڻ آ پاپ،
پريڻ سان ميلاپ، موت خريدڻ جي مثل.

چنڊ پکيڙي چاندني سينٽرل جيل تي جيئن،
۽ قيدين کي تيئن، ڳوٺ پنهنجا ها ياد پيا.

ڳوٺ وليوڪوسو مٿان، چنڊ جڏهن اڀريو،
سونهن پوڄارين کي چٽي چانڊوڪي موهيو،
”گوهر“ پئي لکيو گيت پريڻ جي ياد ۾.

⁂

چنڊ پرينءَ جي باغ جي، چمبيلي وَل تي،
جنهن جي خوشبوءَ کي، چانڊوڪي چميون ڏنيون.

ڇڳُس جامشورو، سيوهڻ، سن ۽ ڪوٽڙي،
دادو ضلعو ڇورو، هاڻي آ بڻجي ويو.

هي جا ذات آ، ماڻهن لئہ اتساهُ
توهِ علم، شعور جو” سمايل درياهہ
توتي پڪو ويساهُ هن طبقي مظلوم جو.

ڪاري ڪامڻ جا اِهي وائرس خطرناڪ،
انساني رت ۽ جگر تن جي آ خوراڪ،
بي حَس مسيحا بڻيل انسانيت غمناڪ،
فنڊ سيئي ڪائي ويا رشوت جا هيراڪ،
هي پڻڪيل رولاڪ،جن روڪيوتحقيق ڪان.

⁂

هوءَ  ڪيڏي  پاٻوهه  مان  گل  پئي  ٽاڪي،
اُجري چادر تي ، سڪ سان اوتي سونهن پئي.

اڇي  ڇاتيءَ  لاءِ،  مومل  تنهنجون  جهوريون،
مينڌرا مهڪاءِ ، خوشبوءَ سان  تون ڪاڪ ڪي.

آس  رکي  آ  مون  ڪيو،  پنهل  تولئہ  پنڌ،
ٽڪا مور نہ سَنڌ، ڪهي اڇان پئي  ڪيچ ڏي.

تنهنجي مُشڪي ٻانهن ۾ چانديءَ جون چوڙيون،
توکي نهن ٽيون،سپ کان سُهڻيون  سانوري.

⁂

چانڊوڪيءَ جي ٻِڪ ۾ گهُلي ڏکڻ هير،
تنهنجي يادن جهير، ڏنا منهنجي روح کي.

چانڊوڪيءَ جي ٻِڪ ۾ مُهين جا آثارَ
سڏڪي سڏين پيا سنڌي اسان لئه ويچار،
ڌارين جي يلغار، سونهن کسي آهي الا.

چانڊوڪيءَ ٻِڪ ۾ منڙو ٻول،
منهنجو روح نه رول، ٻاڙو ٻولي او پرين.

چانڊوڪيءَ جي ٻِڪ ۾ درديلو آلاپ،
سُڻا ٿو چُپ چاپ، پرديسيءَ جي بانسري.

⁂

چاندوڪيءَ جي ٻڪ ۾ ننڊ نہ آئي آ،
سڪ نہ سُمهڻ آ ڏنو تنهنجي وائي آ،
رات نيائي آ، توکي ساريندي يڪو.

ويهي ٽالهيءَ ڇانوَ ۾،سوچان ٿو آئُون،
سُهڻيءَ سان لائون، ڇا نہ لهي سگهندس ڪڏهن.

ويهي ٽالهيءَ ڇانوَ ۾، پٽيان ٿو ساهي،
پيڙائن ڏاهي، وقت ڪان اڳ منهنجي وهي.

جيئندي رهين شال، خوشين جي واديءَ اندر،
شال نہ ڪو زوال، تنهنجي ٺهڪن تي اچي.

⁂

موربِڪيءَ جي ڪنپ جيان،تنهنجو ويس حَسين،
پرٺ پريل رنگين،سونهين تنهنجي گج تي.

جهموريت بدران، مليا لاشا تحفي ۾،
ڳوڙها ورثي ۾، ڌرتيءَ دشمن ڪان مليا.

ڍاڪو ناهي، سٺِ، سَترِ جو هي الا،
ايڪيهين صديءَ اندر پڌرو سڀ آهي،
ڪجھ بہ لڪو ناهي،پابنديون هوندي هتي.

ڪمپيوٽر جي دور ۾، انڌن مِثل آءُ،
مون ڪي مور نہ ڏانءُ، منهنجي انگريزي ڪچي.

⁂

رڳو اي ميلون، ڪرين انٽرنيٽ تي،
مُند بهار جي رونق،ڪان اڄ پري تون،
ڪمرو بند ڪيون،ويٺو آن ڪجه سوچ ڪر.

او منهنجي جيجل امان، تنهنجون دعائون،
نٿهڻ اُس ۾ سي مون لئه ڇپر ۽ ڇائون،
امڙ اڄ آئون ، تن ڪان ٿيو محروم هان.

او منهنجي جيجل امان،توبن هيءُ جهان،
ڀانيان ٿو ويران،اڄ تون ناهين ساٿ ۾.

ٻاجهاريون نظرون ڪٽي،مون ڏي نهاريئي،
جيون سنواريئي،مون ڪي ڏئي اتساه تو.

⁂

هي سياري جي شام ۽ لهندڙ سج منظر،
سونهري تصّور ذهن اندر تنهنجو سدا.

ڇالئہ ايڏو ٿي وڏين مون کي منڙي تون،
سونهن پريل هن ميڙ ۾ توکي ڏسن ٿيون،
اڻ جهل هي اکيون سُک نہ جن کي توسوا.

سونهن سلامت شل هجئي او پاڳن واري،
لڄ عزت پياري تنهنجي آ بيحد مون کي.

چيٽ فتا هن پون۽ تي، مند سيارو آءُ،
دلڙي ڏتڙيل ديس جيان تنهن کي اڄ ريجهاءُ،
آندي اُتر واءُ، خوشبو تنهنجي ياد جي.

⁂

شال هي ڄاڻين تون مٺي، ڪيڏو توسان چاهہ
دل ڏرتيءَ تي پوکيل تنهنجي سڪ اٿاهہ
نيڻ نڪي گمراهہ،پيو درتن لئہ اوپرو.

روز ڏسان توکي سدا،سجدي ۾ سِرُ هيءُ
تولئہ پيو دعائون گهُران،تون خوشين ۾ جيءُ
پرت پيالو پيءُ ،دل جي جهرڻي مان پري.

ظلم سَنا هن دل پرين،آهن هت ڏاڍا،
پيار نڪي پنهنجن ڏنا روح اندر سڏڪا،
سدا اوجاڳا، مون کي بخشا زندگي.

ٻول مٺي تون ٻول،ماٺ نہ رهہ مڪلي جيان،
تون پنهنجي آواز سان روح اندر رس گهول،
ڏک ۾ آ ماحول ،کل تہ ٿئي خوشين پريو.

⁂

هي جي موڪل ڏينهڙا، توبن گُذرن ٿا،
مور نہ نبرن ٿا، پهر بہ صديون ٿا لڳن.

ڪٽڪن جا ساوا سلا، لوسڻ سرنهن ڦولار،
ساوڪ سُهٽي چئوطرف، منظر اڪين ٺار،
ڏاٽن جي هُبڪار، ڳوٺ سڄو واسي ڇڏيو.

ناهيو ايٽم بمُ، چالئہ ٿا دنيا اندر،
ڪاري ڪامڻ مرض تي ڪيو مور نہ ڪم،
ماڻهن لئہ مَرهم، ڪونہ آهيو ٻڌجي سگهيا.

خودڪش حملا ديس ۾ ڪندا چو آهيو،
يا ماڻهو ناهيو، يا دل پٿر جي اَٿوَ.

⁂

# ڏيڍوڻا

تون نور لڳين ٿي پئي،
ٿئي ويس اڇو پاتو، جڻ حور لڳين ٿي پئي.

تون ڪونج پکيءَ وانگي
شل تون نہ ڪڏهن تڙپين، هن سنڌ ڏکي وانگي.

نيرڳ جي پرن جهڙا،
تون ويس جڏهن پاتا، فطرت جي رنگن جهڙا.

صوفيءَ جو وجّد پيتا،
سڀ گهور ڪيم توتان، ڏس پير رَتل ريتا.

اجرڪ جي چُرن جهڙا،
ا حساس نہ ڪر زخمي، خوشبو جي وصلن جهِڙا.

پيپر پيي ختم ٿيندا،
ءِ ڏينهن وڇوڙي جا ،هاڻي تہ وري ايندا.

❊

او سونهن جي شهزادي
تون مون کي پياري آن، جيئن سنڌ جي آزادي

او امن پکيءَ جهڙي،
شل تون نہ ٿين زخمي، هن جند ڏکيءَ جهڙي.

طبقي کي کيان ڪاڏي،
فطرت ۾ مليو آهي، ورثي کي کيان ڪاڏي.

اي سنڌ تنهنجا ٿورا،
تون منهنجي سُڃاڻپ آن، هن قرض تنهنجا ڳئورا.

تون ننڊ جي واديءَ ۾،
پئي خواب ڏسين سهڻا، سک ساڻ آزديءَ ۾.

*

هي ذهن زنگيل ماڻهو،
گڏجڻ نہ توسان ڏيندا، سَئين واٽ ڀليل ماڻهو.

مون کي بہ دوا گهرجي،
مون ڏانهن مسيحا اچ، تنهنجي ٿي شفا گهرجي.

دنيا لئہ ڇپر ڇانءَ تون،
مون کي نہ سجائتي بس، ڇا کو نہ اٿئي اکيون!

آزاد رهڻ ڏي تون،
ڪر قيد نہ سوچن کي، پرواز ڪرڻ ڏي تون.

خوشحال ٿيڻ ڪان پو،
ڪم ظرف بدلجي ويا، ڪرسيءَ جي ملڻ ڪان پو.

❋

لالچ ۾ انڌا ٿي پيا،
احساس نہ ٿيو ڪنهن کي، ارمان، لُٽيا تنهنجا.

پيغام تنهنجو پهتو،
ٿي تيار خوشيءَ ۾ اڄ، توڙانهن پڳس تڪڙو.

دردن کي گهٽتو ڏيئي،
ڪئي جنگ جياپي جي، مهڻن کي گهٽتو ڏيئي.

بد ذوق ڇڻي ٿو پيو،
گلڙن جي مٺان گندرف، خوشبوءَ کي ٿُڏي ٿو پيو.

راتيون هي ڊسمبر جون،
وسرن هي نہ ٿيون مون کان، يادون هي ڊسمبر جون.

❊

هي وار، ڪٽيل تنهنجا،
هي روپ، تنهنجو وٽندڙ پيا نيڻ ٺري منهنجا.

اکين ۾، سمايو آ،
سيلاب،هي ڳوڙهن جو،پنبڙين ۾ ،لڪايو آ.

حيران ڪري ڇڏيئي،
تحفو تو ڏئي مون کي، ڏنوان ڪري ڇڏيئي.

تو رقص ڪيو پئي ٿي،
وجداني حالت ۾، مون توکي ڏٺو پئي ٿي.

ڪجھ سوچ روين تي،
مون لاءِ نرم ٿي تون، ايئن ڀور نہ جذبن کي.

❋

توں آءُ دعا بڻجي،
زخمن جو مَلَمُ بڻجي، توں آءُ شفا بڻجي.

وک مور جيان تنهنجي،
هر تنهنجي ادا وڻندڙ جند گهور وڃئي منهنجي.

تو وٽ تہ رڳو خوشيون،
ڏک منهنجي حصي سارا، تو وٽ تہ سدا عيدون.

وارن جي لڏي چڳ پئي،
ٿي ڳل چُمي تنهنجا، واهواهہ ڏنو دل چئي.

توکي ٿا نهن والا،
ٻانهن ۾ ڪگڻ چوڙيون، گج پيرٽ پيريل ڪاوا.

❊

انجام پتو ناهي،
ٿيو جو بہ ڏٺو ويندو، هي چاهہ سچو ناهي.

اکڙين کي ملي آٿت،
توکي جو ڏٺم کلندي،جذبن کي رَسي راحت.

روئندي نہ ڏسان توکي،
تولئہ هي دعا هر پل، کلندي پيو ڏسان توکي.

ميتا بہ ملي ويندي،
جي تون نہ ملينءَ مون کي، اڻپوري خوشي هوندي.

سَسُئي جي وفا بڻجي،
تون آءُ ،رَسي راحت، مومن جي دعا بڻجي.

❊

خوشبوءَ سان ڀريل ڇوڙو،
جنهن روح کي مهڪايو، ميندي‌ءَ ۾ ڳُتيل ڇوڙو.

گهرندو هان دعا تولئہ،
محفوظ رهئي لڄ هي، ڇَپَ تي آ صدا تولئہ.

هيراڪ منهنجون اکيون،
توکي ئي پيون ڳولين، رولاڪ منهنجون اکيون.

هن دل کي ڪيان ڪاڏي،
تنهنجو ٿي ذڪر ٻولي، اڻ جهل کي ڪيان ڪاڏي.

خوشبو ئي چڱي آهي،
گل پوک،محبت جا، بدبو تہ چڱي ناهي.

*

هي رات ڪٽي ويندي،
پر سور نہ هي ڪٽندا، ۽ باڪ ڦٽي پوندي.

اڪ ٻوٽ ڪندي لمحا،
گذريا هي مٺي توسان، سي ڪيڏا هئا پيارا.

عادت نہ مَٽي اڪڙين،
جنهن وقت ڏسن تو کي،سجدا ۽ سلامي ڪن.

ڇا ٿي هي ڪرين سُهڻي،
پنجاپ جيان ڇالئہ ٿي پيار ڦرين سُهڻي.

تون ساهہ جي رڳ وانگي،
مون لاءِ اهم آهُين، آزاديءَ دڳ وانگي.

❊

ڪاراڻ هلي ويندي،
اونده نڪي رهندي، چانڊاڻ سگهو ايندي.

شل سات هُجئي خوشبو،
توکي نہ ڇُهي گندرف، ويجهو نہ اچئي بَدَبوُ.

تولاءِ سڪان ٿو مان،
ميهڙ جون گهٽيون ساڪي، ڪيئن روز اچان ٿو مان.

ٿر، ڪاڇو ڏڪر آهي،
ماڻهن کان رُٺل خوشيون، وِک وِک تي ڦهر آهي.

تون ياد ايندينءَ ڏاڍو،
اکڙيون هي پينل رهنديون، آرام نڪي ايندو.

❊

توڙي پيا گهلن جهولا،
پرواهه نہ گرميءَ جي، نيٽن کي تنهنجي ڳولا.

آ سنڌ گهُمي وڃ تون،
هي تنهنجي جنم ڀومي،مِٽيءَ کي چُمي وڃ تون.

افغان لُٽيرن جو،
قبضو آ ڪراچيءَ تي، بي رحم ڌڙيرن جو.

هي بغض رکو ڇو ٿا،
اسلام چوي ڇا ٿو، ماڻهوءَ کي کُهو ڇوٿا.

هي باک سياري جي،
ڏِس ! ماڪ ڦڙن ڌرتي، ڇا سونهن نکاري ٿي.

❋

ڳاري نہ وجهي مون کي،
تنهنجي هي ڪٽي ڪاوڙ ماري نہ وجهي مون کي.

مون ڏانهن ڏنئي مُرڪي،
پٽڪيل کي مليو رستوايمان پيوجَرڪي.

ڇالاءِ پيو روئين،
پُلجي نہ پڇئي مون کان،ڪنهن لاءِ پيو روئين.

هي باک گُلن ماڪون،
پئي ڏيک ڏئي جنت،تون ڏار اندرڦاڪون.

ونواھ ۾ آ ويهڻي،
ساپيان نہ ٽيا سپنا،ڄڻ باھ ۾ آ ويهڻي.

⁂

هڏڪي ٿي اچي مون کي،
جيئن نانءُ کنيم هن جو، هڏڪي وئي ڇڏي مون کي.

اي امن ڪٿي آهين؟
ڌرتيءَ تي نہ ٿو ليڇين، ڪر موٽ ، جتي آهين.

اجرڪ سان نهين ٿي پئي،
وٽندڙهي ڦليون جنهن تي، تون سڀ ڪان وٽين ٿي پئي.

اجرڪ جو پَلوَ موڙي،
مون ڏانهن ڏنئي مُرڪي، خوشيون جا محل جوڙي.

❊

معصوم اَدا تنهنجي،
آ جهوري وڏو دل کي، توکي هي صدا منهنجي.

ڇو رحم نہ ٿي ڏارين،
چاهت جي سزا ايڏي، ڇو هيانءُ پئي ڳارين.

نفرت کي ڇڏي آ تون،
اڄ پريت،ونديون گڏجي، ويڇن کي ٽُڏي آ تون.

مٺ تنهنجو نہ آهي ڪو،
هي سارو شهر جانا، تون آهين تہ سونهين ٿو.

چنڊ ساڻ ڪيئن ڀيٽيان،
آ داغ اُنهيءَ ۾ پي، تون سُهٽي باک جيان.

❊

رڪشي تي چڙهي ڀُهتينءَ،
ڪاليج جي در اڳيان، مون ڏانهن ڏسي مُرڪي.

ميهڙ جو شهر سهڻو،
ماڻهو ڀي منا ماڪي، محبوب جو گهر سهڻو.

آچر نہ اچي ڪڏهين،
پيو روز ڏسان توکي، موڪل نہ ٿئي ڪڏهين.

ڪا سونهن ڪُني آهي،
قانون بڻيل بيوس، ڪا ماءُ مُني آهي.

ڇو ياد اچي ٿي پئي،
وسري نہ سگهي مون کان، دل منجهہ وَسي ٿي پئي.

❊



**منهن موڙي چڏيئي جيئري، تو کي سمجهه نه ڪا آئي،**
**ڏکيو وقت پيو گذري، تو کي سمجهه نه ڪائي آئي.**
**(گوهر گل)**

گوهر گل ڳورڙ پنهنجي ٿهيءَ جو هڪ وزنائتو شاعر آهي، سنڌس جي شاعري وزن، بحر، شاعرائي هر لوازمات کان پڪي، پختي ۽ هماليا جهڙي مضبوط ملي ٿي، سنڌس جي شاعريءَ ۾ نت نوان (استعارا) رديف، ڪافيه ۽ دل لڀائيندڙ تشبيهون ۽ خيال ملن ٿا جن تي نظر پوڻ سان نيٽن جا تڪ ۽ اوجاڳا لهڙي منجهه لٿا وڃن. گوهر گل جي شاعريءَ جي فني، فڪري اُڏار ۽ سنڌس شعرن ۾ حُسن وري ڪنهن ڪنوار الڙ اپسرا جي گهور جيئن گهاتڪ لڳندو آهي، گوهر گل جي شاعري پڙهڻ يا ٻڌڻ سان ايئن محسوس ٿيندو آهي ڄڻ هي مست الست يار اسان جي جذبن، اڌمن، احساسن جي ڳالهه ڪندو هجي، گوهر گل ڳورڙ جي چواڻي هُئي ته مان نئين ٿهيءَ جي شاعرن جو وڪيل شاعر آهيان ۽ انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي، واقعي گوهر گل ڳورڙ هر نئين لکندڙ جي لاءِ بلڪل نتمڻ اس ۾ گهاٽي ٻڙ جي ڇانوَ برابر هيو. گوهر گل ڳورڙ جي شاعريءَ ۾ سرتي جي سڪ ۽ سونهن سان گڏ ڌرتيءَ جي خوشبو ۽ ڏک نمايان نظر اچي ٿو گوهر گل جيترو خوبصورت شاعر آهي ته اوترو ئي خوبصورت دوست به گوهر گل دوستيءَ جي جهان جو اهو ڪکر هو جنهن جي ڇانوَ ۾ ٿڌاڻ هميشه محسوس ڪري سگهجي ٿي، گوهر گل ڳورڙ جو هي پهريون شعري مجموعو (منهن موڙي چڏيئي) توهان اسان جي نگاهِ لمس آهي، اميد آهي ته مانائتي موٽ ماڻيندو.

**احسان زنگيجو-ميهڙ**
03033436445